حڪومت سنڌ

اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو

# آسان سنڌيءَ جو نصاب

چهين کان اٺين درجي لاءِ

2025ع

اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو

# فهرست


| سيريل نمبر | | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| | پيش لفظ | i |
| .1 | سنڌي ٻوليءَ جي غير مادري زبان طور تدريس جي اهميت | 1 |
| .2 | آسان سنڌيءَ جي تدريس جا مقصد | 3 |
| .3 | سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون | 4 |
| .4 | درجو ڇهون Grade - VI | |
| | ❖ ٻڌڻ Listening | 5 |
| | ❖ ڳالهائڻ Speaking | 6 |
| | ❖ پڙهڻ Reading | 8 |
| | ❖ لکڻ Writing | 10 |
| | ❖ زبان شناسي Language Cognition | 12 |
| .5 | درجو ستون Grade - VII | |
| | ❖ ٻڌڻ Listening | 14 |
| | ❖ ڳالهائڻ Speaking | 16 |
| | ❖ پڙهڻ Reading | 18 |
| | ❖ لکڻ Writing | 20 |
| | ❖ زبان شناسي Language Cognition | 22 |
| .6 | درجو اٺون Grade - VIII | |
| | ❖ ٻڌڻ Listening | 24 |
| | ❖ ڳالهائڻ Speaking | 26 |
| | ❖ پڙهڻ Reading | 28 |
| | ❖ لکڻ Writing | 30 |
| | ❖ زبان شناسي Language Cognition | 32 |
| .7 | آسان سنڌي ڇهين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان | 34 |
| .8 | آسان سنڌي ستين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان | 36 |
| .9 | آسان سنڌي اٺين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان | 38 |
| .10 | درسي ڪتابن جي تياري | 41 |
| .11 | تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون (Teaching Strategies) | 44 |
| .12 | تدريسي مددي شيون | 50 |

| | | |
|---|---|---|
| 13. | استادن جو رهبر | 52 |
| 14. | جائزي لاءِ حڪمت عمليون | 54 |
| 15. | امتحاني پيپر جو تجويز ڪيل خاڪو ۽ مارڪن جي ورهاست آسان سنڌي (ڇهين کان اٺين درجي لاءِ) | 57 |
| 16. | آسان سنڌي (ڇهين کان اٺين درجي تائين) جي نصاب، درسي ڪتابن جي تياري ۽ جائزي جي ڪاميٽي | 58 |

# پيش لفظ

نصاب جو مفهوم، اهي سڀ سرگرميون آهن، جيڪي سکيا دوران ڪلاس اندر يا ٻاهر، شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي ڪردار ۾ مثبت تبديليون آڻڻ لاءِ سرانجام ڏنيون وڃن ٿيون. نصاب ناهڻ ۽ سُڌارڻ، هڪ مسلسل عمل آهي، جنهن ۾ هن ڳالهه جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته نصاب ڪي وقت جي گُهرجن موجب جديد کان جديد بڻايو وڃي ۽ بدلجندڙ حالتن مطابق ان ۾ ترميمون ۽ واڌارا ڪري سگهجن. ايڪيهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديلين سبب علمي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ به ڪيتريون ئي اڳيرايون ٿيون آهن، جن کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي.

2010ع ۾ 1973ع جي آئين ۾ ارڙهين ترميم آندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ تعليم سميت ٻين ڪيترن ئي شعبن کي مڪمل طور صوبن جي حوالي ڪيو ويو. سنڌ صوبي ۾ نصاب جوڙڻ جي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق (DCAR) سنڌ، ڄامشورو کي ذميواري سونپي وئي، جنهن مرحليوار مختلف مضمونن جي نصابن جو جائزو ورتو آهي ۽ نوان نصاب پڻ جوڙيا آهن. اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو جي انتظام هيٺ ’آسان سنڌيءَ جو نصاب‘ (ڇهين کان انين درجي تائين) غير مادري زبان طور سکيا جي جديد نظرين ۽ تحقيق جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي.

آسان سنڌي پڙهڻ وارن شاگردن جي مادري زبان گهڻو ڪري اردو آهي، تنهنڪري غيرمادري زبان جي نصاب ۾ موجود ’معيار‘، ’مرحليوار حد‘ ۽ خاص طور تي ’سکيا جي حاصلات‘ ۾ ٻنهي زبانن سنڌي ۽ اردو جي هڪجهڙائين کي به نگاهه ۾ رکيو ويو آهي. ان سان گڏو گڏ 2015ع ۾ جوڙيل ’پڙهڻ جي معيارن‘ (Reading Standards) کي به آڏو رکيو ويو آهي.

’آسان سنڌيءَ جي نصاب‘ ۾ اهڙا دلچسپ موضوع ۽ عنوان به شامل ڪيا ويا آهن، جن سان شاگردن ۾ امن، ڀائيچاري، رواداري ۽ انساني حقن جي پاسداري برقرار رهي ۽ پنهنجي عام زندگيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي به يقيني بڻائين.

’آسان سنڌيءَ جي نصاب‘ تي نظرثاني ڪرڻ وقت هيٺ ڏنل ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويو آهي ته جيئن آسان سنڌي، غيرمادري زبان وارن ٻارن کي سيکارڻ جو مقصد چڱيءَ ريت بيان ٿي سگهي.

1. آسان سنڌيءَ جي تدريس نهايت سادي، دلچسپ ۽ سائنسي انداز ۾ ڪئي وڃي.
2. لفظن جي ذخيري ۾ ڏاڪي به ڏاڪي واڌارو ڪيو وڃي.
3. وڌ ۾ وڌ لساني سرگرمين جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن ٻار عملي طور تي سنڌي ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري سگهن.
4. ٻوليءَ جي قاعدن جي تدريس، عملي مشقن ذريعي ڪئي وئي آهي. ’آسان سنڌيءَ جو نصاب‘ اِن ريت مرتب ڪيو ويو آهي ته جيئن درسي ڪتاب جي تياريءَ ۾ ڪنهن به قسم جي مشڪلات پيش نه اچي سگهي ۽ ان سان گڏوگڏ جاچ ۽ جائزي جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ’آسان سنڌيءَ جي نصاب‘ ۾ جائزي بابت مواد شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻوليءَ جي مهارتن کي درست انداز ۾ پرکي سگهجي.

5. سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي زندگي ۽ فڪر کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ ’آسان سنڌيءَ‘ جي هر ڪلاس ۾ ٻارن جي ذهني صلاحيتن موجب لطيف شناسيءَ بابت مواد، نظم ۽ نثر ۾ شامل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.
6. جديد دور جي مسئلن ۽ ڳُڻرجن کي آڏو رکندي، ماحوليات، صحت ۽ صفائي، ٻارن جي حقن، تاريخي ماڳن ۽ مڪانن، قدرتي آفتن اچڻ دوران مثبت روين جي اوسر، امن، انساني برابري، رواداري، سماجي هم آهنگي ۽ همدرديءَ جهڙن موضوعن کي پڻ نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي.

اميد ته ليکڪ ۽ لاڳاپيل ادارا، هن نصاب جي روح مطابق، درسي ڪتابن جي تياري ۽ ڀرپور مواد تيار ڪندا. اهڙيءَ طرح استادن جي تربيتي ادارن، وَسَ وارن ۽ امتحان وٺندڙن مان به اميد ڪئي وڃي ٿي ته آسان سنڌيءَ جي جديد تقاضائن، هدايتن ۽ سفارشن موجب پنهنجي پنهنجي ادارن جي دائره ڪار ۾ ضروري تبديليون ڪندا ته جيئن نصاب جي اصل روح موجب شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ممڪن بڻائي سگهجي.

ادارو، ڪاميٽيءَ جي چيئرمين، ميمبرن ۽ ٻين ادارن ۽ انهن سڀني فردن جو ٿورائتو آهي، جن جي تعاون ۽ ڪوششن سان هيءُ نصاب تيار ٿيو آهي. اميد ته هن نصاب کي عمل ۾ آڻڻ دوران به تعاون جاري رهندو. آخر ۾ سڀني لاڳاپيل ادارن ۽ فردن کي گذارش ڪجي ٿي ته نصاب کي بهتر بنائڻ لاءِ اداري کي پنهنجي تجويزن ۽ مشورن کان ضرور آگاهه ڪندا.

**پاران:**

ادارہ نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو

## سنڌي ٻوليءَ جي غير مادري زبان طور تدريس جي اهميت

ڪنهن ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اها ڪيتري پراڻي ۽ شاهوڪار آهي. ان ۾ علمي ۽ ادبي زبان بڻجڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي. ماڻهن جو ڪيترو تعداد ان کي پنهنجيءَ سوچ، گفتگو، تحرير ۽ تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻي ٿو ۽ اها ٻولي ڪيتري ايراضيءَ ۾ ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. انهن ڳالهين کي سامهون رکي ائين چئي سگهجي ٿو ته:

1. سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ۽ اوائلي ٻولين مان هڪ آهي. ان کي پنهنجو اڪٿ علمي ۽ ادبي خزانو آهي ،جيڪو تمام گهٽي انداز ۾ عام ماڻهن جي گفتگوءَ ۽ سنڌي لغات ۾ محفوظ آهي .اسان جي شاعرن ۽ اديبن پنهنجي علمي ۽ ادبي اعليٰ تخليقي صلاحيتن جو اظهار، سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ڪيو آهي ۽ ان وسيلي ئي سندن خيال اسان تائين پهچي سگهيا آهن.
2. سنڌي ٻولي، صدين ڪان اسان جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مظهر رهي آهي. هن ٻوليءَ ۾ اسان جو تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي سرمايو محفوظ آهي.
3. سنڌي ٻولي موجوده زماني ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ وڻج واپار لاءِ مارڪيٽنگ جي ٻولي بڻجي چڪي آهي.
   - هن وقت سنڌي ٻولي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. پاڪستان ۾ خانگي ٽي وي جي ڪيترن ئي چئنلن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ نشريات جاري آهي. اهي چئنل دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ روزانو ڏٺا وڃن ٿا.
   - اهڙيءَ طرح اخباري ميڊيا ٽي سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي اخبارون، جن ۾ روزانو ۽ هفتيوار اخبارون، ماهوار ۽ ٽماهي رسالا شايع ڪيا ويندا آهن.
4. سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا / پڙهائڻ جو سلسلو سنڌ ۾ صدين ڪان هلندڙ آهي.
5. انهن حقيقتن جي آڌارتي اهوچئي سگهجي ٿوته سنڌي ٻولي اڄ به دنيا جي اهم ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جي مادري زبان توڙي غيرمادري زبان طور سکيا / تدريس جي وڏي ضرورت آهي، ۽ ان جي پڙهائڻ لاءِ قومي جذبي ۽ پيشه ور استادن جي به گهٽي گهرج آهي.
6. سنڌي ٻوليءَ جي مادري توڙي غير مادري زبان طور لازمي تدريس لاءِ سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ، 7 جولاءِ 1972ع ۾، سنڌي ٻولي لازمي طور پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جو '1972ع وارو ائڪٽ' بحال ڪيو، جنهن ۾ اهو ضروري ڄاڻايو ويو هوته سنڌي ٻوليءَ جي لازمي سکيا ۽ دفترن ۾ عام استعمال جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ تحقيقي رٿائون جوڙيون وڃن.
7. سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته دنيا جي اڪثر ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو، دنيا جي ڪهڙي به ٻوليءَ جا صوتي آواز سولائيءَ سان اچاري سگهن ٿا.

8. سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي اهميت جو خيال رکندي، انگريز سرڪار پنهنجي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اسڪولن، ڪاليجن، سرڪاري دفترن، عدالتن ۽ وڻج واپار ۾ رائج ڪيو هو. پر اهو بہ ڌيان ۾ رکڻ گھرجي تہ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت واري دور( 1010ع - 1351ع) ۾ اسلام جي داعين، اسلام جي تبليغ، سنڌي ٻوليءَ ذريعي ڪئي ۽ اسان کي اهي ثبوت بہ ملن ٿا تہ ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي مدرسن ۾ تعليمي ذريعي طور رائج هئي.

9. پاڪستان جي تحريڪ دوران ٻين علائقن جي ٻولين وانگر سنڌ ۾ سياسي ۽ نظرياتي سجاڳي آڻڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهم ڪردار رهيو. سنڌ ۾ اهڙي سياسي سجاڳي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ذريعي آئي.

10. سنڌي ٻولي، پنهنجي بنيادي وياڪرڻي جوڙجڪ ۽ لفظن جي ذخيري جي لحاظ کان اردو ٻوليءَ ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين سان ويجهي لڳ لاڳاپي واري زبان آهي .

11. سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ حيثيت کي آڏو رکندي، سنڌ سرڪار، جولاءِ 1972ع واري، سنڌ اسيمبليءَ جي بحال ڪيل ائڪٽ مطابق، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري تي خاص ڌيان ڏنو آهي ۽ ان کي سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ ٻارهين ڪلاس تائين مادري زبان طور ۽ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ، ڪلاس ٽئين کان ٻارهين تائين غير مادري زبان طور لازمي قرار ڏنو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ جائزي کان پوءِ اها ڳالهہ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي، تهذيبي ،علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ قومي ٻڌيءَ جي لحاظ کان تمام گھڻي اهميت آهي.

12. سنڌ سرڪار جي 1972ع واري ائڪٽ موجب ۽ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائي سگھندڙ شاگردن جي ضرورت کي سمجھي ’آسان سنڌيءَ‘ جي تدريس کي تمام ضروري سمجھيو ويو آهي.

13. ڏنو ويو آهي تہ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ شاگردن کي روزمرهہ جي ڪاروهنوار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تمام گھڻي ضرورت ٿئي ٿي.

14. سنڌ جي تعليم کاتي ۽ نصاب جي اداري پاران ’آسان سنڌيءَ جو نصاب‘ (ڇهين کان انين درجي تائين) انهن ٻارن لاءِ جوڙيو ويو آهي، جن جي مادري زبان سنڌي نہ آهي. ’آسان سنڌيءَ جي نصاب‘ ذريعي سنڌي زبان جي بنيادي سکيا ڏيڻي آهي، جيئن اُهي روزاني زندگيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي، سمجھي، پڙهي ۽ لکي سگھن، گڏوگڏ نصاب ذريعي ڏنل سکيا کي روزمرهہ جي عملي زندگيءَ ۾ درست نموني ڪتب آڻي سگھن.

# آسان سنڌيءَ جي تدريس جا مقصد

## (ڇهين کان اٺين درجي تائين)

هيءُ نصاب سنڌي، مادري زبان طور نہ ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ جوڙيو ويو آهي. نصاب موجب سنڌي زبان جي بنيادي جوڙجڪ کان ٻارن کي اهڙيءَ ريت واقف ڪرڻو آهي، جو اهي روزاني زندگيءَ ۾ سنڌي ٻولي سمجهي، ڳالهائي، پڙهي ۽ لکي سگهن. ان کي روزمرهہ جي عملي زندگيءَ ۾ ڪتب آڻي سگهن.

1. سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ جي اهڙن سادن لفظن جي ڄاڻ ڏيڻ، جيڪي ٻنهي ٻولين ۾ ٿوري فرق سان ڳالهايا ۽ لکيا وڃن ٿا.
2. ٻارن کي اهڙن لفظن جي ڄاڻ ڏيڻ، جن جو سنڌي ۽ اردوءَ ۾ جنس جي حوالي سان مختلف استعمال آهي، جيئن: منهنجي دل /میرا دل، سنو ڪتاب /اچھی کتاب، سني اخبار /اچھا اخبار سني موسم/ اچھا موسم وغيره.
3. ٻارن جي معلومات ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ منجهن اضافي مطالعي جي عادت پختي ڪرڻ.
4. ٻارن کان لفظن جي درست اچارن جي مشق ڪرائڻ.
5. ٻارن ۾ تخليقي ۽ تنقيدي سوچ پيدا ڪرڻ.
6. سنڌي ٻوليءَ جي آسان ۽ دلچسپ ادب لاءِ چاهہ پيدا ڪرڻ.
7. ٻارن ۾ روزمرهہ جي ضرورتن موجب سادن جملن ۽ پئراگرافن پڙهڻ ۽ لکڻ جي مهارت پيدا ڪرڻ.
8. ڪا بہ ڳالهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻڌي، سمجهي ٻين تائين پهچائڻ جي اهليت پيدا ڪرڻ.
9. ٻارن ۾ مختصر پيغامن پهچائڻ جي اهليت ۾ اضافو ڪرڻ.
10. ٻارن کي ٻوليءَ جي سادن اصولن ۽ قاعدن (گرامر) کان واقف ڪرڻ.
11. ٻارن ۾ نثر ۽ نظم کي سمجهڻ ۽ روانيءَ سان پڙهڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ.
12. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو پيدا ڪرڻ.
13. سادن جملن کي سنڌي مان اردوءَ ۾ ۽ اردوءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ.
14. لساني سرگرمين وسيلي سنڌي سکڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ
15. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي جائزي وٺڻ جي اهليت پيدا ڪرڻ

# سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون

| | |
|---|---|
| 1. ٻڌڻ | Listening |
| 2. ڳالهائڻ | Speaking |
| 3. پڙهڻ | Reading |
| 4. لکڻ | Writing |
| 5. زبان شناسي | Language Cognition |

## درجو ڇهون: (Grade-VI)

<table>
<tr><td>Competency<br>مهارت</td><td colspan="3">ٻڌڻ Listening</td></tr>
<tr><td>☜ معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين)</td><td colspan="3">شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ جملن ۾ ٻڌي، سمجهي سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪو به متن ٻڌي، ان جي اهم نُڪتن جو ادراڪ ڪري سگهن.</td></tr>
<tr><td>☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks</td><td>1. گهٽ ۾ گهٽ چار هزار (4000) لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهن.</td><td>2. اسڪول ۽ سماجي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جا جملا ٻڌي، سمجهي سگهن،</td><td>3. آکاڻيون، مضمون، واقعا، تقريرون ۽ نظم وغيره ٻڌي، سمجهي سگهن.</td></tr>
<tr><td>☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)</td><td>1. چار يا ڇئن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>2. روانيءَ سان ڳالهايل لفظن جي معنىٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.<br>3. عبارت ۾ آيل نوان لفظ ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>4. ڪا به ڳالهه /متن ٻڌي، سمجهي، ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.</td><td>1. اسڪول ۽ راند روند ۾ ٿيندڙ روزمره جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي، ان جي اهم نُڪتن ۽ نتيجن کان واقف ٿي سگهي.<br>2. روزمره جي گفتگو ٻڌي، پنهنجو رد عمل ظاهر ڪري سگهي.<br>3. سُڌ سماءَ جي ذريعن (ريڊيو، ٽيليويزن، سوشل ميڊيا وغيره) تان خبرون، تقريرون ٻڌي، سمجهي سگهي.</td><td>1. نظم سُر ۽ لئه سان ٻڌي، ان جي معنىٰ ۽ مفهُوم سمجهي سگهي.<br>2. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ چوٽيون ٻڌي، انهن ۾ لڪيل معنىٰ سمجهي سگهي.<br>3. تقرير ٻڌي، ان جي مفهوم کي سمجهي سگهي.<br>4. آکاڻيون، مضمون، واقعا مڪالما وغيره ٻڌي، انهن جي بنيادي اهم نُڪتن کي سمجهي سگهي.</td></tr>
</table>

## درجو ڇهون: (Grade-VI)

| | | | |
|---|---|---|---|
| Competency<br>مهارت | Speaking ڳالهائڻ | | |
| معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته :<br>1. ڳهٽ ۾ ڳهٽ پنج هزار (5000) لفظ ٻڌي، سمجهي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهن.<br>2. روزمره جي معاملن (سماجي، ثقافتي، معاشي) بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن.<br>3. نظمن، ڪهاڻين، ڊرامن، واقعن، تقريرن ۽ هدايتن کي ٻڌي، سمجهي بيان ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. ڳهٽ ۾ ڳهٽ چار هزار (4000) لفظ ٻڌي، ڳالهائي سگهن. | 2. سماجي معاملن بابت ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهن. | 3. واقعا، ڪهاڻيون، تقريرون ۽ نظم وغيره ٻڌي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. چار يا ڇهن کان مٿي پدن وارا لفظ ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي، دُرست اُچاري سگهي.<br>3. ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي، ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>4. ڪنهن به موضوع تي روانيءَ سان ڳالهائي سگهي. | 1. گهر ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، سمجهي، ان بابت ڳالهائي سگهي.<br>2. هم نصابي سرگرمين (بيت بازي، ڊرامو، تقرير، موسيقي وغيره) ۾ حصو وٺي سگهي.<br>3. گفتگوءَ ۾ پنهنجي موقف کي بيان ڪري سگهي. | 1. نظم ٻڌي سُر ۽ لئه سان ٻڌائي سگهي.<br>2. ڪهاڻي ٻڌي، پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائي سگهي.<br>3. ڪهاڻي ٻڌي، ان جي ڪردارن بابت ڳالهائي سگهي.<br>4. ڪنهن به موضوع تي تقرير ٻڌي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. |

| ڳالهائڻ Speaking | | | Competency<br>مهارت |
|---|---|---|---|
| 5. واقعن بابت پنهنجي ڄاڻ ۽ تجربي تحت ڳالهائي سگهي.<br>6. ڪنهن به موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ ٻن منٽن تائين تقرير ڪري سگهي.<br>7. تاثرات، جسماني چرپر ۽ اشارن جي مدد سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي.<br>8. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ پروليون ٻڌائي سگهي. | 4. ڪاڌي، صحت ۽ صفائيءَ بابت معلومات حاصل ڪري ۽ ٻين کي ٻڌائي سگهي.<br>5. تعليمي ۽ تفريحي سير جي مشاهدي کي بيان ڪري سگهي.<br>6. سُڌ سماءُ جي ذريعن (ٽيليويزن، سوشل ميڊيا وغيره) تان معلومات ٻڌي، سمجهي، بيان ڪري سگهي.<br>7. ماحوليات (وڻن، ٻوٽن، ڍنڍن، ڍورن، پکين، قدرتي منظرن وغيره) بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي. | | |

## درجو ڇهون: (Grade-VI)

| مهارت Competency | پڙهڻ Reading | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان انين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن تہ:<br>1. عبارت (نثر ۽ نظم) کي دُرست اُچار ۽ رواني ۽ سان پڙهي، سمجهي سگهن.<br>2. عام مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks ☜ | 1. سادي عبارت کي دُرست اُچار ۽ رواني ۽ سان پڙهي، سمجهي سگهن. | 2. نثر ۽ نظم پڙهي سمجهي سگهن. | 3. اضافي مطالعي جو مواد پڙهي، سمجهي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) ☜ | 1. عبارت ۾ آيل نون لفظن جي معنىٰ لغت مان ڳولي، پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. عبارت جي شروعات ۽ پڄاڻي ۽ کي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>3. عبارت کي دُرست اُچار، ادائگي ۽ مناسب رفتار سان پڙهي سگهي.<br>4. سادي عبارت کي بيهڪ جي نشانين موجب پڙهي سگهي. | 1. نظم کي سُر ۽ لئہ سان پڙهي لُطف اندوز ٿي سگهي.<br>2. آکاڻي يا نظم پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>3. نثر ۽ نظم جي فرق کي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>4. آکاڻي پڙهي، ان جو مرڪزي خيال ٻڌائي سگهي.<br>5. آکاڻي پڙهي، پنهنجي پسند جي ڪردار بابت ٻڌائي سگهي. | 1. مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لطيفا، ٽوٽڪا ۽ آکاڻيون وغيره پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. لائبريري ۽ جو استعمال ڪري سگهي.<br>3. پنهنجي پسند جي ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهي.<br>4. ٻارن جي حقن ۽ انهن جي حفاظت بابت مواد پڙهي، سمجهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. سادي عبارت پڙهي گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏيئي سگهي.<br>6. عبارت پڙهي ان بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>7. عبارت ۾ ڏنل نون لفظن کي تصوير جي مدد سان پڙهي، مفهوم ٻڌائي سگهي. | 6. نثر ۽ نظم پڙهي، پنهنجي روزمره زندگيءَ سان ان جو تعلق جوڙي سگهي. | 5. ڪمپيوٽر، موبائل وغيره تي انٽرنيٽ ذريعي، اخبارون، رسالا ۽ ٻيو لاڳاپيل مواد سمجهي، پڙهي سگهي.<br>6. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا عام فهم بيت دُرست اُچار ۽ روانيءَ سان پڙهي، سمجهي سگهي.<br>7. قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ پنهنجي ۽ ٻين جي بچاءَ بابت مواد پڙهي، سمجهي سگهي. |

## درجو ڇهون: (Grade-VI)

| Competency<br>مهارت | لکڻ Writing | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. ڪنهن به موضوع تي دُرست صورتخطي، تسلسل ۽ ترتيب سان پئراگراف لکي سگهن.<br>2. روزمره جي موضوعن تي پنهنجن خيالن، احساسن ۽ جذبن جو تحريري اظهار ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. سادي عبارت کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهن. | 2. روزمره جي زندگيءَ سان لاڳاپيل موضوعن بابت لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. عبارت جي دُرست صورتخطي لکي سگهي.<br>2. روزمره جي ڪاروهنوار ۾ ڪم ايندڙ شين جا نالا لکي سگهي.<br>3. سادن جملن تي مشتمل مضمون ۽ ننڍا پئراگراف لکي سگهي.<br>4. سادن مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگهي.<br>5. نثر يا نظم پڙهي، ان جو خلاصو لکي سگهي.<br>6. آکاڻي يا واقعو پڙهي، ان جو تت لکي سگهي.<br>7. تصويرن ۽ اشارن جي مدد سان آکاڻي مڪمل ڪري لکي سگهي. | 1. ڪنهن به تقريب يا تفريحي ماڳ جو اکين ڏٺو احوال لکي سگهي.<br>2. ڪو به منظر ڏسي، ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار لکي سگهي.<br>3. ٽي-وي موبائل ۽ ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ ذريعي پنهنجي پسند جا پروگرام ڏسي ۽ ٻڌي، راءِ لکي سگهي.<br>4. ڪن به ٻن ڪردارن جي وچ ۾ مڪالمو لکي سگهي.<br>5. ذاتي ڊائري لکي سگهي.<br>6. ڏاهن جا قول لکي سگهي.<br>7. سماجي مسئلن بابت خط ۽ درخواستون لکي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 8. عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>9. پنهنجي پسند موجب نظم ۽ بيت لکي سگهي.<br>10. متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>11. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي بيتن جي سمجهاڻي لکي سگهي.<br>12. ڪنهن به سفر، ماڳ مڪان، ڏڻ وغيره بابت لکي سگهي. | |

## درجو ڇهون: (Grade-VI)

| Competency<br>مهارت | زبان شناسي Language Cognition | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. تحرير، تقرير ۽ گفتگوءَ ۾ گرامر جو دُرست استعمال ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks ☜ | 1. زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) کي سمجهي استعمال ڪري سگهن. | 2. بيهڪ جي نشانين ۽ اعرابن جو دُرست استعمال ڪري سگهن. | 3. مذڪر-مونث، واحد-جمع، ضد ۽ هم آواز لفظن کي دُرست استعمال ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes (SLOs) ☜ | 1.مددي فعل (آهي/ آهن، هو/ هئا، ٿيندو/ ٿيندا) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2.زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي سادن جملن کي مختلف زمانن ۾ بدلائي سگهي.<br>3.بياني جملن کي هاڪاري، ناڪاري ۽ سواليه جملن ۾ بدلائي سگهي.<br>4.اسم عام، اسم خاص ۽ اسم ذات کي سمجهي سگهي. | 1. سادو جملو پڙهڻ ۽ لکڻ وقت پوري دم (.)، ٿوري دم(،) سوال جي نشاني (؟) ۽ عجب جي نشانيءَ (!) جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. عبارت ۾ لفظن کي دُرست اعرابون ڏيئي سگهي.<br>3. لفظن جون اعرابون تبديل ڪري نوان لفظ ناهي سگهي.<br>4. سنڌي عبارت کي اردو ۾ بدلائي سگهي.<br>5. اردو عبارت کي سنڌيءَ ۾ بدلائي سگهي. | 1. او ۽ اِي پڇاڙين سان مذڪر لفظن جا مؤنث ۽ مؤنث لفظن جا مُذڪر ناهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. اَ ۽ اُون پڇاڙين سان واحد مان جمع ۽ جمع مان واحد لفظ ناهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>3. هم آواز لفظن کي ناهي سگهي.<br>4. لفظن جا ضد لکي سگهي. |


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ، ڄامشورو- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5.ضمير خالص، صفت جا درجا ۽ فعل جا قسم، فعل لازمي ۽ فعل متعدي کي سمجهي سگهي.<br>6.آءٌ/ مان، اسان/اسين، تون/ توهان هو/هوءَ ۽ اهي وغيره لفظن جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>7.جا، جو، جي، تان، کان، تي، ۾ وغيره جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>8.بي ترتيب جملن کي دُرست ترتيب ڏئي لکي سگهي.<br>9.غلط جملن کي دُرست ڪري لکي سگهي. | | |

## درجو ستون: (Grade-VII)

| Competency مهارت | Listening ٻڌڻ | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ جملن ۾ ٻڌي، سمجهي سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪو به متن ٻڌي، ان جي اهم نُڪتن جو ادراڪ ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ چار هزار پنج سؤ (4500) لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهن. | 2. اسڪول، سماجي زندگي ۽ سُڌ سماءَ جي ذريعن ۾ استعمال ٿيندڙ جملا ٻڌي، سمجهي سگهن. | 3. آکاڻيون، مضمون، واقعا، تقريرون ۽ نظم وغيره ٻڌي، سمجهي نتيجو ڪڍي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. گهٽ ۾ گهٽ چار يا ڇئن ڪان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي، سمجهي ۽ ردِعمل ڏيئي سگهي.<br>2. رواني‌ءَ سان ڳالهايل لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي ۽ پنهنجو ردِ عمل ڏيئي سگهي.<br>3. ڪو به متن ٻڌي، سمجهي، ان بابت سوالن جا جواب ڏيئي سگهي.<br>4. عام چوڻين ۽ پهاڪا ٻڌي، سمجهي سگهي. | 1. اسڪول ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، نون لفظن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهي.<br>2. روزمره جي ڪاروهنوار ۾ ڪيل گفتگو ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>3. روزمره زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ نون لفظن کي ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>4. ڳالهايل جملن جي ترتيب کي ٻڌي، سمجهي سگهي. | 1. نظم سُر ۽ لئه سان ٻڌي، اُن ۾ ڪم آيل نوان لفظ سمجهي سگهي.<br>2. نظم/آکاڻي ٻڌي، ان جو مرڪزي خيال ٻڌائي سگهي.<br>3. آکاڻيون ۽ واقعا ٻُڌي، سمجهي، نتيجو ڪڍي سگهي.<br>4. آکاڻي يا نظم ٻڌي، ان بابت سوالن جا جواب ڏيئي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 5. سماجي ۽ ثقافتي موضوعن تي گفتگو ٻڌي، پنهنجو رد عمل ظاهر ڪري سگهي. | 5. واقعن ۽ تقريرن کي ٻڌي، سمجهي، انهن تي ردِعمل ڏيئي سگهي.<br>6. سائنسي ۽ ٻيو معلوماتي مواد انٽرنيٽ ذريعي (آڊيو، وڊيو) ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>7. سُڌ سماءَ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي وي ۽ سوشل ميڊيا) تي خبرون، ڊراما ۽ ٻيا تفريحي پروگرام وغيره ٻڌي، سمجهي سگهي. |

## درجو ستون: (Grade-VII)

| Competency<br>مهارت | Speaking ڳالهائڻ | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان ائين<br>درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن تہ :<br>1. گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ ٻڌي، سمجهي، ڳالهہ ٻولهہ ۾ استعمال ڪري سگهن.<br>2. روزمره جي معاملن (سماجي، ثقافتي، معاشي) بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهن.<br>3. نظمن، ڪهاڻين، ڊرامن، واقعن، تقريرن ۽ هدايتن کي ٻڌي، سمجهي، بيان ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ چار هزار پنج سوَ (4500) لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. روزمره زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جملا ٻڌي، ڳالهہ ٻولهہ ۾ حصو وٺي سگهن. | 3. هدايتون، تقريرون، ڪهاڻيون، واقعا ۽ نظم ٻڌي، بيان ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning<br>Outcomes<br>(SLOs) | 1. نوان لفظ ٻڌي، گفتگوءَ ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. ڪابہ ڳالهہ ٻڌي، ان جو تجزيو ڪري پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>3. هدايتون ٻڌي، ٻين کي ٻڌائي سگهي.<br>4. پنهنجي پسند جا نظم ٻڌائي سگهي.<br>5. موقعي جي مناسبت سان خوشي ۽ غم جو اظهار پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>6. تصوير يا ڪو منظر ڏسي، ان بابت پنهنجن لفظن ۾ اظهار ڪري سگهي. | 1. ادبي سائنسي ۽ تعليمي ميلن ۾ شريڪ ٿي، انهن جو احوال پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن بہ تحرير (نثر ۽ نظم) جي پسند ڪرڻ جو سبب ٻڌائي سگهي.<br>3. گهر، اسڪول ۽ آس پاس جي ماحول بابت ڳالهائي سگهي.<br>4. هم نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺي انهن بابت ڳالهائي سگهي.<br>5. گفتگوءَ ۾ پنهنجو موقف سادن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي. | 1. واقعن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. ڪهاڻين کي ٻڌي، انهن جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.<br>3. سُٽ سماءَ جي ذريعن (ٽيليويزن، ڊجيٽل ميڊيا) تان تقريرون ٻڌي، سمجهي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪر ي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 6. اسڪول ۽ گهر ۾ ٿيندڙ تقريبن بابت پنهنجي تنقيدي راءِ ڏئي سگهي. | |

## درجو ستون: (Grade-VII)

| Competency مهارت | Reading پڙهڻ | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. عبارت (نثر ۽ نظم) کي دُرست اچار ۽ رواني سان پڙهي، سمجهي سگهن.<br>2. عام مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. عبارت کي دُرست اُچار ۽ رواني سان پڙهي، سمجهي سگهن. | 2. نثر ۽ نظم کي پڙهي، سمجهي سگهن. | 3. ڇپيل يا اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي، عام مطالعي جو شوق پيدا ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. عبارت ۾ ڪتب آيل نوَن لفظن کي دُرست اُچار سان پڙهي سگهي.<br>2. بيهڪ جي نشانين کي ڌيان ۾ رکي پڙهي سگهي.<br>3. عبارت کي دُرست ادائگي ۽ رواني سان پڙهي، سمجهي سگهي.<br>4. عبارت پڙهي، ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.<br>5. عبارت پڙهي، 5 مان 4 تفهيمي سوالن جا جواب ڏيئي سگهي. | 1. نثر ۽ نظم جي فرق کي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>2. نظم کي سُر ۽ لئه سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>3. محاورن، چوڻين کي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>4. ڪهاڻي ۽ واقعي کي پڙهي، ان جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. | 1. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي مليل معلومات کي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>3. اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپيل مواد پڙهي، سمجهي سگهي.<br>4. ڪمپيوٽر، موبائل وغيره تي انٽرنيٽ ذريعي آڪاٽيون ۽ نظم ڏسي، پڙهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. عبارت پڙهي، ان کي مناسب عنوان ڏيئي سگهي.<br>7. ٽرئفڪ جي اشارن، هدايتن ۽ نشانين کي پڙهي، سمجهي عمل ڪري سگهي.<br>8. صحت جي حفاظت، مختلف بيمارين جهڙوڪ: ڪرونا، مليريا، مُدي جي بخار وغيره بابت پڙهي، سمجهي، بچاءَ جا اپاءَ وٺي سگهي.<br>9. پاڻيءَ جي دُرست استعمال بابت پڙهي، سمجهي سگهي. | 5. تصويرن جي مدد سان عبارت کي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>6. ڪهاڻي پڙهي، نتيجو ڪڍي سگهي. | 5. اخبارن ۽ ٻارن جي رسالن ۾ ڪهاڻيون، نظم ۽ مضمون وغيره پڙهي، سمجهي سگهي.<br>6. لطيفن ۽ پرولين کي پڙهي، سمجهي، لطف اندوز ٿي سگهي. |

## درجو ستون: (Grade-VII)

| Competency مهارت | لکڻ Writing | |
|---|---|---|
| معيار Standard (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. ڪنهن به موضوع تي دُرست صورتخطي، تسلسل ۽ ترتيب سان پيراگراف لکي سگهن.<br>2. روزمره جي موضوعن تي پنهنجن خيالن، احساسن ۽ جذبن جو تحريري اظهار ڪري سگهن. | |
| مرحليوار حد Benchmarks | 1. عبارت جو تجزيو ڪري پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهن. | 2. گهر، اسڪول ۽ آس پاس جي ماحول سان لاڳاپيل موضوعن تي لکي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. درجيوار متن پڙهي، سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>2. آکاڻي، نظم يا واقعو پڙهي، ان جو نتيجو اخذ ڪري لکي سگهي.<br>3. مختصر آکاڻي پڙهي، پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>4. سادا ۽ مرڪب جملا دُرست صورتخطيءَ سان لکي سگهي.<br>5. آکاڻيءَ جي ڪردارن بابت تنقيدي راءِ لکي سگهي.<br>6. ڪنهن موضوع تي تسلسل ۽ ترتيب سان مختصر مضمون لکي سگهي. | 1. ذاتي ڊائري لکي سگهي.<br>2. اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجي پسند جي موضوعن تي، لکي سگهي.<br>3. تصويري خاڪي جي مدد سان پيراگراف لکي سگهي.<br>4. پنهنجي آس پاس جي ماحول جو مشاهدو ڪري، پنهنجي احساسن ۽ جذبن جي اظهار ڪي لکي سگهي.<br>5. سُڌ سماءَ جي ذريعن مان ڄاڻ حاصل ڪري پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>6. ڪمپيوٽر، موبائل فون ۽ ٽيبليٽ تي انٽرنيٽ ذريعي علمي، ادبي ۽ تفريحي مواد ڳولي پنهنجي لفظن ۾ لکي سگهي.<br>7. پنهنجي علائقي جي مسئلن بابت لاڳاپيل عملدارن کي خط ۽ درخواستون لکي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. شروعات، وچ ۽ پڇاڙيءَ تي مشتمل مختصر آکاڻي لکي سگهي.<br>8. ماحوليات جي گدلاڻ کان بچاءَ جي اُپائن بابت پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي. | |

## درجو ستون: (Grade-VII)

| Competency مهارت | زبان شناسي Language Cognition | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standard (ڇهين کان اٺين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. تحرير، تقرير ۽ گفتگوءِ ۾ گرامر جو دُرست استعمال ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks ☜ | 1. زمان (حال استمراري، ماضي استمراري، مستقبل استمراري) سمجهي، استعمال ڪري سگهن. | 2. بيهڪ جي نشانين ۽ اعرابن کي سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهن. | 3. مذڪر-مؤنث، واحد-جمع، هم آواز لفظ، ضد، اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) ☜ | 1. مددي فعل (پيو/ پيا، رهيو/ رهيا ۽ آهي/آهن) جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. زمان حال استمراري، زمان ماضي استمراري ۽ زمان مستقبل استمراريءَ جي سادن جملن کي سمجهي، مختلف زمانن ۾ بدلائي سگهي.<br>3. بياني جملن کي ناڪاري، هاڪاري، سواليه جملن ۾ بدلائي سگهي. | 1. سادو جملو پڙهڻ ۽ لکڻ وقت پوري دم (.)، ٿوري دم (،)، دم (:)، سوال جي نشاني (؟) ۽ عجب جي نشانيءَ (!) جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. جملي ۾ بيهڪ جي نشاني بدلائي، جملي جو مفهوم تبديل ڪري سگهي.<br>3. عبارت ۾ مذڪر، مؤنث يا واحد، جمع موجب دُرست اعرابون ڏيئي سگهي.<br>4. سنڌي عبارت کي اردوءَ ۾ بدلائي سگهي. | 1. لفظن جا مذڪر ۽ مؤنث لفظ سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. 'او ۽ آ' پڇاڙين سان واحد مان جمع ۽ جمع مان واحد لفظ ناهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>3. لفظن جا قافيا ناهي سگهي.<br>4. فعل مان اسم ناهي، استعمال ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 4. صفت ۽ ان جا درجا سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>5. فعل لازمي ۽ فعل متعديءَ ۾ فرق معلوم ڪري سگهي.<br>6. فعل ۽ مددي فعل ۾ فرق معلوم ڪري، استعمال ڪري سگهي.<br>7. ’ظرف‘ کي سمجهي، استعمال ڪري سگهي.<br>8. امري جملي جي بيهڪ کي سمجهي، اهڙا جملا ٺاهي سگهي.<br>9. تشبيهه ۽ استعاري جي سڃاڻپ ڪري سگهي. | 5. اردو عبارت کي سنڌيءَ ۾ بدلائي سگهي. | 5. ’سُ‘ ۽ ’ڪُ‘ اڳياڙين سان لفظ ٺاهي استعمال ڪري سگهي.<br>6. ’مَند‘ پڇاڙيءَ سان لفظ ٺاهي استعمال ڪري سگهي. |

## درجو اٺون: (Grade-VIII)

| Competency مهارت | ٻُڌڻ Listening | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ جملن ۾ ٻڌي، سمجهي، سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪو به متن ٻڌي، ان جي اهم نُڪتن جو ادراڪ ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ ٻڌي، انهن جي معنیٰ ۽ مفهوم کي سمجهي، استعمال ڪري سگهن. | 2. روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ٻڌي، سمجهي سگهن. | 3. ڪهاڻيون، ڊراما، واقعا، تقريرون ۽ نظم وغيره ٻڌي، سمجهي، نتيجو ڪڍي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. پنج يا پنجن کان وڌيڪ پدن وارا نوان لفظ ٻڌي، سمجهي، استعمال ڪري سگهي.<br>2. مرتب ۽ مرڪب لفظ ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>3. محاورا ۽ اصطلاح ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>4. ڪا به ڳالهه ٻڌي، سمجهي، ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. مختلف تقريبن ۾ گفتگو ٻڌي، نتيجو ڪڍي سگهي.<br>2. پيغام ۽ هدايتون ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>3. بحث مباحثي کي ٻڌي، سمجهي ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. سُڌ سماءَ جي ذريعن (ٽي وي يا انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل وغيره) | 1. ڪو به واقعو ٻڌي، پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهي.<br>2. ڪهاڻي يا ڊرامو ٻڌي، ان جي ڪردارن بابت سوالن جا جواب ڏيئي سگهي.<br>3. نظم ٻڌي، ان جو مرڪزي خيال، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي. |


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ، ڄامشورو- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. عبارت ڏيان سان ٻڌي، بيهڪ جي نشانين کي سڃاڻي سگهي.<br>6. هاڪاري، ناڪاري، سوالي، عجب وارا ۽ امري جملا ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>7. عام زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن بابت ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>8. مڪالما ٻڌي، انهن جو حاصل مطلب سمجهي سگهي. | تان پنهنجي پسند جا پروگرام ڏسي، ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>5. سُتِ سماءَ جي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ معلومات کي ٻڌي، ان جو تجزيو ڪري سگهي. | 4. نظم سُر ۽ لئي سان ٻڌي، پنهنجي پسند جو اظهار ڪري سگهي. |

## درجو اٺون: (Grade-VIII)

| Competency مهارت | گالهائڻ Speaking | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته :<br>1. گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ ٻڌي، سمجهي، ڳالھ ٻولھ ۾ استعمال ڪري سگهن.<br>2. روزمره جي معاملن (سماجي، ثقافتي، معاشي) بابت ڳالھ ٻولھ ڪري سگهن.<br>3. نظمن، ڪهاڻين، ڊرامن، واقعن، تقريرن ۽ هدايتن کي ٻڌي سمجهي، بيان ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار (5000) لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. روز مره زندگيءَ جي معاملن بابت ڳالھ ٻولھ ڪري سگهن. | 1. ڪهاڻين، نظمن ۽ ڊرامن وغيره بابت ڳالھ ٻولھ ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. ڪنهن بہ موضوع تي گفتگو ٻڌي، پنهنجو تجزيو بيان ڪري سگهي.<br>2. ڳالھ ٻولھ ۾ نوان لفظ ، محاورا اصطلاح دُرست نموني ۾ استمال ڪري سگهي.<br>3. صحت ۽ ان جي حفاظت بابت ڄاڻ حاصل ڪري ٻين کي ٻڌائي سگهي.<br>4. تصوير، ڪو منظر يا دستاويزي فلم ڏسي، تنقيدي راءِ ڏيئي سگهي. | 1. پنهنجي اسڪول، گهر ۽ علائقي بابت گفتگو ڪري سگهي.<br>2. اسڪول ۾ ٿيندڙ ثقافتي ۽ قومي ڏهاڙن بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. اسڪول ۾ ٿيندڙ پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪري سگهي.<br>4. ماحوليات ۽ ٻين موضوعن تي ٿيندڙ تقريري مقابلن ۾ حصو وٺي سگهي. | 1. ليکڪ/ شاعر جو نقط نظر پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>2. ڊراما، واقعا، ڪهاڻيون ۽ نظم ٻڌي، انهن جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.<br>3. ڊرامن وغيره ۾ حصو وٺي، ڏنل ڪردار مطابق مڪالما ادا ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 4. ڪنهن به موضوع تي ڳالهائڻ وقت عام چوڻين ۽ پهاڪن کي استعمال ڪري سگهي.<br>5. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي بيتن جي سمجهاڻي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهي.<br>6. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ ڀروليون ٻڌي، سمجهي، ٻڌائي سگهي. | 5. عام ڪاروهنوار ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ٻڌي، سمجهي، ڳالهائي سگهي. | 7. پنهنجي ڪلاس ۾ ماحولياتي تبديلين بابت ٻين شاگردن سان گفتگو ڪري سگهي.<br>5. سُر سماءَ جي ذريعن وسيلي نشر ٿيندڙ سماجي ۽ ثقافتي پروگرامن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>6. مڪالما ٻڌي، انهن جو حاصل مطلب ٻڌائي سگهي. |

## درجو اٺون: (Grade-VIII)

| Competency مهارت | پڙهڻ Reading | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. عبارت (نثر ۽ نظم) کي دُرست اچار ۽ رواني ۽ سان پڙهي، سمجهي سگهن.<br>2. عام مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks ☜ | 1. عبارت کي اسلوب موجب دُرست اُچار ۽ رواني ۽ سان پڙهي، سمجهي سگهن. | 2. نثر ۽ نظم کي پڙهي، سمجهي سگهن. | 3. ڇپيل يا اڻ ڇپيل مواد جو مطالعو ڪري ۽ ان جو تجزيو ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) ☜ | 1. عبارت دُرست لهجي، ادائگي، آواز جي لاهه چاڙهه ۽ رواني ۽ سان پڙهي سگهي.<br>2. عبارت ۾ ڏنل بيهڪ جي نشانين کي ڌيان ۾ رکي دُرست انداز سان پڙهي سگهي.<br>3. عبارت جي بنيادي خيال ۽ بيان کي آڏو رکي پڙهي، سمجهي سگهي. | 1. ڪهاڻي، ڊرامي، مضمون نظم وغيره ۾ ليکڪ جي اندازِ بيان کي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. لطيفا ۽ ٽوٽڪا وغيره پڙهي، انهن ۾ لڪل ڏاهپ کي سمجهي سگهي.<br>3. تصويري آکاڻيون ۽ ٻيو تفريحي مواد پڙهي، سمجهي، لطف حاصل ڪري سگهي. | 1. اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل خبرون، رپورٽون، اشتهار، خط ۽ ڪالم پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. ڪمپيوٽر، موبائل، انٽرنيٽ جي ذريعي مختلف علمي، ادبي ۽ تفريحي مواد ڳولي، پڙهي سگهي.<br>3. تصويري آکاڻين جا ڪتاب پڙهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 4. مختلف عبارتن کي پڙهي، سمجهي سگهي. | 4. ڪهاڻيون، واقعا ۽ نظم پڙهي، پنهنجي تنقيدي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. | 4. اسڪول ۾ ٽيندڙ هم نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺي، مختلف لکڻيون پڙهي، سمجهي سگهي.<br>5. اخبارن ۽ رسالن ۾ روزمره جي زندگيءَ سان لاڳاپيل عبارتن کي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>6. لائبريريءَ مان پنهنجي پسند جي نظمن ۽ آکاڻين وغيره جا ڪتاب پڙهي سگهي. |

## درجو اٺون: (Grade-VIII)

| Competency مهارت | لکڻ Writing | |
|---|---|---|
| ☜ معيار Standard (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. ڪنهن به موضوع تي دُرست صورتخطي، تسلسل ۽ ترتيب سان پيراگراف لکي سگهن.<br>2. روزمره جي موضوعن تي پنهنجن خيالن، احساسن ۽ جذبن جو تحريري اظهار ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. عبارت کي دُرست صورتخطيءَ ۽ ترتيب سان لکي، سگهن. | 2. پنهنجي علائقي ۽ آس پاس جي ماحول بابت لکڻين ذريعي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. عبارت پڙهي، سادن سوالن ۽ اعلیٰ ذهني سطح وارن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>2. مختلف موضوعن تي مختصر مضمون لکي سگهي.<br>3. سبق جو خلاصو لکي سگهي.<br>4. نظم پڙهي، ان جا اهم نُڪتا لکي سگهي.<br>5. سُتَ سماءَ جي ذريعن مان حاصل ڪيل ڄاڻ کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>6. آکاڻيءَ جي شروعات، وچ ۽ پڄاڻيءَ کي آڏو رکي ڪاوٽنڊز آکاڻي لکي سگهي. | 1. سماجي، مسئلن بابت رسمي ۽ غير رسمي خط ۽ درخواستون لکي سگهي.<br>2. واقعن ۽ ڪهاڻين کي پڙهي يا ٻڌي، انهن جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>3. ڪنهن به تصوير يا منظر کي آڏو رکي مختصر آکاڻي لکي سگهي.<br>4. سوشل ميڊيا، انٽرنيٽ وغيره تان ماحول، تعليم، خوراڪ، صحت ۽ صفائي وغيره بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکي سگهي.<br>5. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ ۾ ڏنل امن، سهپ، پيار ۽ رواداريءَ جي پيغام بابت مختصر مضمون لکي سگهي.<br>6. ڪمپيوٽر ۽ موبائيل تي سنڌي ٻولي لکي/ ٽائپ ڪري سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. بيهڪ جي نشانين جو دُرست استعمال ڪندي مربوط جملن جي مدد سان پنهنجن لفظن ۾ عبارت لکي سگهي.<br>8. هم نصابي سرگرمين جو اکين ڏٺو احوال لکي سگهي.<br>9. ڪنهن بہ موضوع تي ٻن ڪردارن جي وچ ۾ مڪالما لکي سگهي. | 7. عام زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو تجزيو ڪري، انهن جو تحريري اظهار ڪري سگهي.<br>8. ڪنهن واقعي جو اطلاع اخبار يا ڪنهن ذميوار عملدار کي لکي سگهي. |

## درجو اٺون: (Grade-VIII)

| Competency مهارت | زبان شناسي Language Cognition | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standard (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته: 1. تحرير، تقرير، گفتگوءَ ۾ گرامر جو دُرست استعمال ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. زمان ماضي (قريب ۽ بعيد) سمجهي استعمال ڪري سگهن. | 2. بيهڪ جي نشانين کي سمجهي، انهن جو دُرست استعمال ڪري سگهن. | 3. مذڪر- مؤنث، واحد- جمع ، هم آواز لفظ، ضد ناهي، اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون سمجهي دُرست استعمال ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. زمان ماضي قريب ۽ بعيد جي مددي فعل (آهي/ آهن ۽ هو/ هئا) جو دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. زمان ماضي قريب کي بعيد ۾ بدلائي سگهي ۽ ماضي بعيد کي قريب ۾ بدلائي سگهي.<br>3. بياني جملن کي هاڪاري، ناڪاري، سواليه ۽ شرطيه جملن ۾ بدلائي سگهي. | 1. جملو پڙهڻ يا لکڻ وقت پوري دم، ٿوري دم، اڌ دم، دم، سوال جي نشاني، عجب جي نشاني ۽ واڪ جي نشانين کي دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. ننڍي ڏنگيءَ جي مفهوم کي سمجهي، استعمال ڪري سگهي.<br>3. سنڌي عبارت کي اردوءَ ۾ بدلائي سگهي. | 1. لفظن جا مذڪر ۽ مؤنث لفظ سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>2. 'اِي' ۽ 'يُون' پڇاڙين سان واحد مان جمع ۽ جمع مان واحد لفظ ناهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>3. صفت مان اسم ناهي، دُرست استعمال ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 4. مرکب فعل کي سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>5. حرف جر ۽ حرف جملو سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>6. حرف ندا کي سمجهي، دُرست استعمال ڪري سگهي.<br>7. اصطلاح، محاورن جي معنىٰ سمجهي جملا ٺاهي سگهي.<br>8. مفرد جملن کي ملائي مرکب جملو ٺاهي سگهي.<br>9. قافيي ۽ رديف ۾ فرق سمجهي، شعر مان ڳولي سگهي.<br>10. تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال ڪري سگهي. | 4. اردو عبارت کي سنڌيءَ ۾ بدلائي سگهي. | 4. ’اَ ۽ سَ‘ اڳياڙيءَ سان لفظ ٺاهي، استعمال ڪري سگهي.<br>5. ضميري پڇاڙيون ’م ۽ س‘ جو دُرست استعمال ڪري سگهي. (جيئن: ايندم-ويندس)<br>6. هم معنىٰ لفظن کي جملن ۾ دُرست استعمال ڪري سگهي. |

## آسان سنڌي ڇهين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

**نوٽ:** هن درجي ۾ نثر جا 15 سبق، حمد ۽ نعت سميت 8 نظم تجويز ڪجن ٿا.

### ڀاڱو پهريون: نثر

- سيرةُ النَّبِي صلّي الله عَلَيهِ وَعَلیٰ آلهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم (دشمنن سان سهڻو سلوڪ)
- سنڌ جون نامور شخصيتون: مولانا عبيد الله سنڌي، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ميان نور محمد لاکو
- سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان (موهن جو دڙو ۽ چانهونءَ جو دڙو)
- لوڪ ڪهاڻي (مورڙو مانگر مڇ ۽ عمر مارئي)
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ميلو
- صحت ۽ صفائي
- هٿ جا هنر (چوڙين جي صنعت)
- سائنسي ايجادون
- سنڌ ۽ سنڌي ٻولي
- لوڪ ساز (بانسري ۽ چنگ)
- وتايو فقير
- ماحوليات
- شهري شعور
- رانديون
- قومي ٻڌي
- دلچسپ آکاڻيون (ڪي ٻه ٻه هئڻ گهرجن)

### ڀاڱو ٻيو: نظم

- حمد
- نعت
- نظم ۾ ڪهاڻي

- اخلاقي قدر
- وطن جي حُب
- پورهئي جي عظمت
- قدرتي نظارا
- سنڌو درياهه
- مزاحيہ نظم

## زباني شناسي

- اسم جا قسم
- ضمير جا قسم
- فعل ۽ ان جا قسم
- صفت ۽ ان جا درجا
- مددي فعل
- حرف جر
- زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل
- جملن جا قسم (هاڪاري، ناڪاري، سواليہ)
- جملي جي دُرست ترتيب
- غلط جملي کي دُرست ڪرڻ
- اعرابون ۽ انهن جو دُرست استعمال
- مذڪر - مؤنث، واحد - جمع – ضد، هم آواز لفظ
- عبارت جو ترجمو
- بيهڪ جون نشانيون

## آسان سنڌي ستين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

**نوٽ:** هن درجي ۾ نثر جا 15 سبق، حمد ۽ نعت سميت 10 نظم تجويز ڪجن ٿا.

### ڀاڱو پهريون: نثر

- سيرةُ النَّبِي صلّي الله عَلَيهِ وَعَلىٰ آلهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم (پاڙيسرين سان سهڻو سلوڪ ۽ يتيمن سان پيار)
- سنڌ جو سير سفر (ڪينجهر ڍنڍ جو سير)
- لوڪ ڪهاڻي (سسئي پنهون)
- صحت ۽ صفائي
- سنڌ جون شخصيتون: (علامه آءِ آءِ قاضي ۽ مرزا قليچ بيگ)
- سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان (ڀنڀور)
- ٽرئفڪ جا اصول
- سماجي ڀلائي (آڪاڻي)
- سورما: دولهه دريا خان
- هٿ جا هنر (اجرڪ)
- لطيف شناسي: انسان دوستي
- مائي بختاور
- ڪمپيوٽر جي ڪهاڻي

### ڀاڱو ٻيو: نظم

- حمد
- نعت
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا چونڊ بيت
- سچل سرمستؒ جا چونڊ بيت
- وطن جي حُب
- اخلاقي قدر
- قدرتي منظر

- راند روند ۽ وندر وارا گيت
- مزاحيہ نظم

## زبان شناسي

- فعل ۽ مددي فعل
- فعل جا قسم
- صفت ۽ ان جا درجا
- فعل مان اسم ٺاهڻ
- ظرف
- زمان حال استمراري، زمان ماضي استمراري، زمان مستقبل استمراري
- بياني- ناڪاري- هاڪاري، شرطيہ ۽ امري جملا
- اعرابون ۽ انهن جو دُرست استعمال
- مذڪر-مؤنث- واحد - جمع، هم آواز لفظ، ضد، لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون
- لفظن جا قافيا
- تشبيهہ ۽ استعمارو
- عبارت جو ترجمو
- بيهڪ جون نشانيون

# آسان سنڌي اٺين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

**نوٽ:** هن درجي ۾ نثر جا 15 سبق، حمد ۽ نعت سميت 10 نظم تجويز ڪجن ٿا.

## پاڳو پهريون: نثر

- سيرةُ النّبي صلّي الله عَليهِ وَعلىٰ آلهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلّم (رَحمَةً اللّعٰلَمِينَ)
- اخلاقيات (سچائي، ايمانداري، همدردي)
- شخصيتون: حيدر بخش جتوئي، اديب الحسن رضوي
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ ۾ پيغام (امن، ڀائپي، سهپ، رواداري)
- سائنسي ايجادون
- ڏنڊا
- تاريخي ماڳ مڪان (لئنسڊائون پُل ۽ پڪو قلعو حيدرآباد)
- رانديون
- ڏڻ (مذهبي، قومي، ثقافتي)
- ڪراچي شهر
- لوڪ ڪهاڻي (سُهڻي ميهار)
- تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو.
- هٿ جو هنر
- تفريحي ماڳ (گورک هِل اسٽيشن/ منهوڙي جو سير/ ڪارونجهر)
- جهنگلي جيوت
- موسمياتي ۽ ماحولياتي تبديليون
- صحت ۽ صفائي
- قدرتي آفتون
- مخدوم بلاول
- دودو سومرو
- شهريءَ جا حق ۽ فرض
- سُٺ سماءَ جا ذريعا (انٽرنيٽ)

- غذا ۽ غذائيت
- دلچسپ ڪھاڻيون (ڪي ٻه ٻه ھئڻ گھرجن)
- سنڌي ثقافت
- سفرنامو (پر ڏيهي مُلڪ جو)
- عورتن جا حق

## ٻاڳو ٻيو: نظم

- حمد
- نعت
- وطن جي حُب
- قدرتي منظر
- پکي/ جانور/ جيت
- رانديون
- محنت
- گُل/ ميوا/ وڻ
- قومي جھنڊو
- اخلاقي قدر: ٻڌي،امن، سھپ، رواداري وغيره
- سائنسي نظم
- مزاحيه نظم

## زبان شناسي

- مددي فعل
- مرڪب فعل
- صفت مان اسم ناھڻ
- حرف جر
- حرف جملو
- حرف نِدا

- لفظن جا قسم
- مفرد ۽ مرڪب جملا
- جملن جا قسم: (بياني، هاڪاري، ناڪاري، سواليہ، شرطيہ)
- زمان ماضي، قريب ۽ بعيد
- مذڪر-مؤنث، واحد- جمع، هم آواز لفظ، ضد، لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون
- ضميري پڇاڙيون
- اصطلاح، محاورا، چوڻيون ۽ پهاڪا
- قافيو ۽ رديف
- تشبيهہ ۽ استعارو
- عبارت جو ترجمو
- بيهڪ جون نشانيون

## درسي ڪتابن جي تياري

1. وچولي سطح تي آسان سنڌيءَ جي ڪتاب جي سائيز 20×30/8 هئڻ گهرجي.
2. ڪتاب جو فونٽ 16 رکي سگهجي ٿو. مشقن ۾ هدايتن جي فونٽ جي سائيز 2 پوائنٽس گهٽ هئڻ گهرجي.
3. ضخامت: وچولي سطح تي آسان سنڌيءَ جي ڪتاب جا صفحا اٽڪل، ڇهين درجي لاءِ 112، ستين درجي لاءِ 120 ۽ اٺين درجي لاءِ 128 تائين هئڻ گهرجن.
4. ڪتاب جو ٽائيٽل، چئن رنگن وارو رنگين ۽ وڻندڙ هجي ۽ مناسب مقامي، تهذيبي ، ثقافتي ۽ تعليمي پس منظر ۾ ڏنووڃي.
5. ڪتاب جي پهرئين سبق جي شروع ۾ ’ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ‘ ترجمي سان ڏجي.
6. درسي ڪتاب جي پيشڪش ۾ لي آئوٽ معياري هجي. ڪوشش ڪجي ته هر سبق ساڄي پاسي واري صفحي کان شروع ٿئي ۽ مشقن سوڌو کابي پاسي واري صفحي تي ختم ٿئي.
7. درسي متن جي ٻولي معياري ۽ آسان هجي، جيڪا روزمره جي ڳالھ ٻولھ ۽ عملي گهرجن جي ويجهو هجي، ان ۾ متروڪ لفظن، ڏکين ترڪيبن ۽ غير مستعمل محاورن کان پاسو ڪيو وڃي، جن جو نصابي گهرجن سان لاڳاپو نہ هجي.
8. درسي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪتب آڻجي. سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ جو لغوي ذخيرو درجيوار استعمال ڪجي. سنڌي ۽ اردوءَ جي عام استعمال ٿيندڙ هڪجهڙن لفظن کي بہ ضرور ڌيان ۾ رکيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هي ڪتاب غيرمادري زبان وارن ٻارن لاءِ آهي.
9. سبقن جي چونڊ دوران، سنڌ جي شخصيتن، تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ جاگرافيائي اهميت وارن شهرن بابت ڀرپور معلومات ڏيڻ گهرجي.
10. درسي ڪتابن ۾ سبقن جي ڏاکي بہ ڏاکي اوسر هئڻ گهرجي، يعني پهريون سبق سولو ۽ آخري سبق ڏکيو هجي.
11. سبق جي شروعات ۾ ’سکيا جي حاصلات‘ هڪ چوکنڊي ۾ ڏني وڃي ۽ سبق ۾ شامل نوان لفظ ۽ مختصر تدريسي هدايتون شامل هجن. سبق جي طويل متن کي ڪيترن ئي پيراگرافن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جن جي وچ ۾ ڏي وٺ  واريون مشقون (Interactive Exercises)  عملي مشقون (Applied Exercises) ۽ سوال وغيره ڏئي سگهجن ٿا.
12. درسي ڪتابن ۾ نظم مختلف سبقن کانپوءِ وقفي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.
13. درسي ڪتاب خطِ نسخ ۾ هجن، ڪمپوزنگ معياري ۽ غلطين کان پاڪ هجي، لفظن جي پاڙ ۾ وٿي هڪ جيتري هئڻ گهرجي.

14. ڏکين لفظن ۽ ترڪيبن تي اعرابون ضرور ڏنيون وڃن. ضرورت آهر شد بہ ڏني وڃي، پر زبر، زير ۽ پيش ضرور ڏيڻ گهرجي.

15. هر سبق ۾ بيهڪ جي نشانين جو خاص خيال رکيو وڃي. مثال: دم، اڌ دم، پورو دم، ٿورو دم، سوال جي نشاني، عجب ۽ واڪ جون نشانيون وغيره.

16. متن سان نهڪندڙ مناسب هنڌن تي واضح ۽ چٽن رنگن ۾ تصويرون ڏنيو وڃن، جيڪي رڳو ناهہ نوهہ لاءِ نہ هجن بلڪ سبق ۾ ڏنل تصورن جي تدريس ۾ استعمال ٿين ۽ غير ضروري تصويرون شامل نہ ڪيون وڃن.

17. درسي ڪتابن ۾ انسانيت جي احترام، رواداري، سماجي هم آهنگي، ماحولياتي ڄاڻ ۽ پر امن بقاءِ باهمي کي فروغ ڏيڻ وارو مددگار مواد شامل ڪيو وڃي.

18. متن ۽ مشقي سوالن ۾ سياسي، مذهبي، لساني، علائقائي، صنفي ۽ سماجي تعصب کان پاسو ڪيو وڃي.

19. متن ۾ مثال ڏيڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ ڏنل مثال، آس پاس جي ماحول بابت ۽ دلچسپ هجن ۽ نئين دؤر جي گُهرجن مطابق هجن.

20. بنيادي مهارتون (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ)سبقن جي ذريعي سيکارڻ گهرجن. مهارتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انفرادي، جوڙن ۽ گروهي نوعيت جون سرگرميون شامل ڪيون وڃن ۽ اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏنيون وڃن، جن جو مرڪز ٻار هجي.

21. زبان شناسي (گرامر) جون وڌ ۾ وڌ عملي ۽ استعمالي مشقون ڏنيون وڃن. سنڌي ۽ اردوءَ جي ويا ڪرڻي ضرورتن جو خيال رکيو وڃي.

22. مشقي سرگرميون، شاگردن جي ذهني سطح کي آڏو رکي وڌ ۾ وڌ ڏنيون وڃن. مشقي سوالن ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. تخليقي سگهہ کي اجاگر ڪرڻ وارن سوالن جي حاصلات کي يقيني بڻايو وڃي، سوالن ۾ معروضي سوال بہ هجن.

23. درسي ڪتابن جي ليکڪن جي ڪاميٽيءَ ۾ آسان سنڌيءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي نمائنده رڪنن کي بہ شامل ڪيو وڃي.

24. درسي ڪتاب جي تياريءَ کان اڳ آسان سنڌيءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي رڪنن ۽ ليکڪن جو گڏيل اجلاس ڪوٺايو وڃي، جنهن ۾ لکندڙن کي نصاب جي گهرجن کان پوريءَ ريت آگاهہ ڪيو وڃي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي مقصدن جو پورائو ٿي سگهي. ان ۾ اهڙن استادن کي بہ شامل ڪيو وڃي جيڪي لاڳاپيل سطح جو تدريسي تجربو رکندا هجن ۽ درسي سبقن جي تياري ڏنل هدايتن پٽاندر ڪري سگهن.

25. درسي ڪتاب جي آخر ۾ الف - ب وار لغت هئڻ گهرجي.

26. درسي ڪتاب ۾ شامل ليکڪن جا نالا ۽ نظم جي شاعر جو نالو متن جي آخر ۾ ڏيڻ گهرجي.

27. ڪنهن غير معروف ۽ اڻڄاتل شاعر يا ليک جي تحرير هرگز شامل نہ ڪئي وڃي. نموني طور شامل ٿيندڙ متن کان سواءِ ٻين تي ليکڪن جو نالو نہ ڏنو وڃي، ڇو تہ اهڙا متن تياريءَ جي ڪيترن ئي مرحلن مان لنگهن ٿا.

28. نصاب جي تجويز ڪيل موضوعن ۽ عنوانن تي مشتمل مواد لکڻ وقت ٻار جي عمر، ذهني پهچ، ضرورتن ۽ انهن جي پسند نا پسند کي سامهون رکيو وڃي.

آسان سنڌيءَ جي ڪتاب جي تياريءَ وقت ليکڪن کي ان ڳالھ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ هي درسي ڪتاب غير مادري ٻوليءَ طور پڙهايو ويندو، ان لاءِ اهو لازمي آهي تہ سبقن جي تياريءَ وقت، ٻوليءَ کي درجيوار ۽ ٻنهي ٻولين جي گهرجن جو خيال رکيو وڃي.

## تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون ( Teaching Strategies )

آسان سنڌيءَ جي نصاب موجب شاگردن کي ٻوليءَ جي سکيا، مختلف سرگرمين ۽ حڪمت عملين ذريعي ڏني ويندي آهي. انهي ڪري استادن ۽ تربيتي ادارن کي ان ڳالهه جو خيال رکڻو پوندو ته اهي نه رڳو ٻوليءَ جي سکيا وارن جديد طريقن کان واقف هجن، پر انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابليت به رکندا هجن .

آسان سنڌيءَ جي ڇهين کان اٺين ڪلاس ۾ استاد، شاگردن کي اهڙيون سموريون سهولتون مهيا ڪري، جن سان انهن کي بنيادي مهارتن (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) سکڻ ۾ مدد ملي. موجوده دَور ۾ ٻوليءَ جي تدريس جا جيڪي آزمايل طريقا، سڄي دنيا ۾ ڪم آندا وڃن ٿا، تن جو تت استادن جي سهولت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا دوران، استاد هيٺ ڏنل طريقن کي پنهنجي روزاني تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائين.

آسان سنڌي پڙهائيندڙ استاد کي سنڌي ٻولي غيرمادري زبان طور سيکارڻ وقت ڳڏيل طريقن واري حڪمت عملي، استعمال ڪرڻي پوندي.

### لفظن جي راند

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جون مختلف تدريسي تدبيرون آهن، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون

- پنهنجي نالي جي آخري اکر سان ڪو صفت جو لفظ ٻڌائڻ، جيئن: منهنجو نالو پارس آهي. هن ۾ پارس نالي جو آخري اکر 'س' آهي ۽ ان سان جڙندڙ صفت 'سهڻي' آهي.
- لفظ جي آخري اکر سان نئون لفظ ناهڻ، مثال طور: ڪتاب - بدڪ - ڪڪڙ وغيره جهڙيون سرگرميون ڪرائي سگهجن ٿيون.
- مختلف لفظن يا اکرن تي مشتمل فلئش ڪارڊ استعمال ڪيا وڃن، جن مان موضوع بابت لفظ چونڊي سگهجن ۽نوان لفظ جوڙڻ، مرڪب لفظ ناهڻ، لفظن جي مدد سان آڪاٽي ترتيب ڏيڻ وغيره .

### ڳالهه ٻولهه

ڳالهه ٻولهه (ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ) ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن مان آهي. استاد، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي سرگرمين کي معنيٰ دار ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ هيٺ ڏنل نڪتن تي ڌيان ڏين.

- شاگردن کي مختلف طريقن سان، پنهنجي ڄاڻ جي اظهار ڪرڻ ۽ پنهنجيءَ رفتار سان سکڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. ڳالهائڻ تي سندن حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.
- ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت شاگردن کي ھڪٻئي جي ويجهو، دائري جي شڪل ۾ ويهاري سگهجي ٿو تہ جيئن هو، هڪٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي بہ سگهن .

## سوال پڇڻ (Questioning)

ٻوليءَ جي تدريس ۾ سوال پڇڻ هڪ اثرائتي سرگرمي آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ معياري سوال سان نہ رڳو شاگرد جي سوچ جي معيار ۽ تخيل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، پر سوال جي نوعيت موجب بهتر انداز ۾ شاگرد کان معياري جواب ملڻ پڻ ممڪن هوندو آهي. استادن کي گهرجي تہ سوال ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڏنل نڪتن جو خيال رکن.

- ها، نہ ۽ هڪ لفظ تي مشتمل سوال رڳو نہ پڇڻ گهرجن پر سوالن ۾ وڌيڪ سبب وارا سوال پڻ پڇيا وڃن، جن ۾ ڇو، ڇا، ڪيئن وغيره جهڙا سوال بہ هجن. جيئن: توهان کي ڪهڙي راند/ موسم/ ميوو پسند آهي ۽ ڇو؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪري اهڙا سوال پڇيا وڃن، جن ۾ شاگردن کي جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻي پوي.
- بلومز ٽيڪسانومي(Bloom`s Taxonomy) جي درجن موجب هر سطح جا سوال تيار ڪرڻ گهرجن.
- سوالن کي سمجهڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ شاگردن کي مناسب وقت ڏيڻ گهرجي. مشاهدو، مليل معلومات کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪڍڻ جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.
- شاگرد جيڪو چوڻ گهرن، انهن کي ان جي آزادي هجي. غلط جواب جي صورت ۾ ٻين شاگردن کان پڇي سگهجي ٿو يا خود استاد رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اهو عمل اهڙي انداز سان ڪيو وڃي، جو شاگرد جي اعتماد کي ڌڪ نہ رسي.
- اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جو شاگرد، خود سوال ترتيب ڏين ۽ پنهنجن ساٿين کان پڇن.

## فڪري تحرڪ (Brainstorming )

- شاگردن جو ذهن اڀارڻ هڪ اهڙي تدبير آهي، جنهن موجب ڪنهن عنوان تي شاگردن جا خيال ۽ معلومات ڄاڻي، ان عنوان تي معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي. جڏهن بہ ڪو نئون سبق پڙهائڻو هجي تہ پهرين ان موضوع بابت ڪين هڪ ٻن جملن ۾ خيال پيش ڪرڻ لاءِ چيو وڃي جيئن: پيشو، موسم يا نظم جي مرڪزي خيال بابت پڇڻ وغيره، سيني شاگردن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ گهرجي تہ

جيئن اهي، هن سرگرميءَ ۾ شامل ٿين. سڀ ڏنل جواب بورڊ تي لکي، شاگردن کي شامل ڪندي، ان بابت تجزيو ڪرايو وڃي.

## ذهن/ تصور جاچڻ (Mind/ Concept Mapping)

شاگردن جي مدد ڪئي وڃي ته ڄاڻايل عنوان تي پنهنجن خيالن کي ذهن ۾ ترتيب ڏيڻ وقت ڪهڙي ڳالهه پهرين ۽ ڪهڙي پوءِ رکڻي آهي، جيئن: ڪنهن مضمون لکڻ لاءِ ان جي اهم نڪتن بابت لکڻ ۽ متن جي اهم نڪتن جو جائزو وٺي ان کي پيش ڪرڻ وغيره.

## اڳڪٿي (Prediction)

هن طريقي موجب شاگردن کي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ترغيب ڏئي، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي اڀاريو ويندو آهي، جيئن:

- شاگرد، ڪنهن آکاڻيءَ جي پڄاڻي ٻڌائي سگهن.
- ڪنهن سوال جي جواب يا نتيجي جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن .
- تصوير يا ڪنهن ڪتاب جو سرورق يا تصوير ڏسي، آکاڻي/ عنوان جي اڳڪٿي ڪري سگهن.
- واقعي ۽ ڪردار بابت اڳڪٿي ڪري ٻڌائي سگهن.

## ڪلاس ۾ بحث مباحثو (Whole Class Discussion)

- ڪلاس ۾ گڏيل بحث مباحثو هڪ ڪارائتو طريقو آهي، جنهن ذريعي ٿوري ئي وقت ۾ پوري ڪلاس کي سرگرم ڪري سگهجي ٿو. سبق جي شروع ۾ جڏهن ڪنهن نئين سبق جي شروعات ڪرڻي هجي يا سبق پڙهائڻ بعد اندازو لڳائڻو هجي ته جيڪو ڪجهه پڙهايو ويو آهي، ان بابت شاگرد ڪيترو ڄاڻن ٿا، اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ سرگرمي مناسب آهي. مثال طور: ڪو به عنوان ڏئي، ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرايو وڃي.

## انفرادي، جوڙن ۾ يا گروپ ۾ سرگرميون ڪرائڻ

ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سبقن جي پڙهائڻ واري سلسلي ڪي، شاگردن جي شرڪت سان هيٺ ڏنل سرگرميون ڪرائي سگهجن ٿيون.

- **انفرادي سرگرمي:** شاگرد کي انفرادي طور سرگرمي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي، ته جيئن هو پاڻ کي آزاد سمجهي، پنهنجيءَ رفتار سان سکي. اهڙيءَ طرح ان کي پنهنجي ساٿيءَ تي ڀاڙڻ بدران

پنهنجي صلاحيتن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو. پڙهڻ ۽ لکڻ جي عمل ۾ هن طريقي جو استعمال موزون آهي.

- **جوڙن ۾ سرگرمي:** جوڙن ۾ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ان ڪان سواءِ انهن ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ ٻولي سکڻ جي صلاحيت واري مشق ۾ اضافو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح شاگرد پنهنجن ساٿين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ لهرائيندا ناهن ۽ شاگردن کي مسئلن جي حل ۽ نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد جو موقعو ملندو آهي ۽ خوداعتمادي پيدا ٿيندي آهي.

- **گروپ ۾ سرگرمي:** چئن يا پنجن شاگردن کي گروپ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي، ائين ڪرڻ سان ڪين پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻوليءَ جي مهارتن واري سلسلي ۾ مدد پڻ ملندي آهي .انهن کي ٻين جي نظرين جو احترام، پنهنجا خيال پيش ڪرڻ، هڪٻئي جي اصلاح ڪرڻ ۽ خوشگوار ماحول ۾ گڏجي نتيجا حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي. استاد، سرگرميءَ جي گهرج موجب هڪجهڙن يا مختلف ذهني سطح جي شاگردن جا گروپ ناهي سگهن ٿا. ان ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته هر شاگرد کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي.

## تصويري خاڪو (Pictorial Illustration)

هن طريقي ۾ شاگردن کي مختلف تصويرون ڏئي، انهن جي منظرنگاري ۽ مختلف جزن جي وضاحت ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن جي خيالن کي اڀاري، ڪنهن به ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ڏياري سگهجي ٿي .

## گڏجي لکڻ (Group Writing)

شراڪت ۾ لکڻ، هڪ ننڍي گروپ يا پوري ڪلاس ۾ به ٿي سگهي ٿو. هن طريقي موجب استاد، شاگردن جي مدد سان ڪنهن تقريب جو اکين ڏٺو احوال لکي. لکڻ وقت شعوري طور اکرن جي جوڙجڪ، صورتخطي، گرامر، آغاز، مواد، اختتام وغيره جي حوالي سان اهم نڪتن جون غلطيون ڪري ۽ شاگردن کي چئي ته اسان لکڻ ختم ڪري ٻيهر ورجائينداسين، پوءِ شاگردن جي مدد سان غلطين جي نشاندهي ڪندي، لکت کي اصل شڪل ڏئي. هي ڪم ڪنهن ذهين شاگرد جي مدد سان گروپ جي شڪل ۾ به ڪرائي سگهجي ٿو

## مطالعاتي سير ( Field Trip)

هن طريقي موجب مشاهدي ۽ معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ، شاگردن کي اسڪول اندر يا اسڪول کان ٻاهر مختلف جڳهين تي وٺي وڃي سگهجي ٿو. ان سان شاگردن کي موضوع بابت حقيقي زندگيءَ ۽ پنهنجي ماحول جي مشاهدي بعد معلومات کي گڏ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. جيئن: جانور، پکي، جيت، ميوا، ٻاجيون ۽ اهم تاريخي عمارتن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ 'اڀياسي سير' جو اهتمام ڪيو وڃي. ان جي پڄاڻيءَ تي شاگردن کي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جون سرگرميون ڪرايون وڃن .

## انٽرويو (Interview)

- انٽرويو لاءِ ضروري آهي تہ شاگردن کان سوال پهريان ئي ترتيب ڏياريا وڃن. ان سان گڏ شاگردن کي اهڙن سوالن لاءِ بہ تيار ڪيو وڃي جن وسيلي وڌيڪ ڄاڻ (Probing) لاءِ پاڻ ئي ضمني سوال ڪري سگهن. ڪلاس ۾ انٽرويو لاءِ فرضي مشقون بہ ڪرايون وڃن

## رهنمائيءَ سان پڙهڻي (Guided Reading)

- ڪنهن بہ ڪلاس ۾ پڙهڻ وارا شاگرد هڪجهڙا نہ هوندا آهن، انهن جي سکڻ ۽ سمجهڻ جو انداز بہ مختلف هوندو آهي. شاگرد پنهنجي ذهني قابليت ۽ لياقت آهر پنهنجي رفتار سان سکندا آهن. هيٺ ڏنل طريقن سان شاگردن جي انفرادي ضرورتن جو خيال رکي سگهجي ٿو.
- شاگردن جي تعليمي ضرورتن، ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ مطابق اڀياسي مواد چونڊيو وڃي. قابليت جي لحاظ کان شاگردن جا گروپ جوڙيا وڃن، هڪ ئي ڪهاڻي ۽ متن هر گروپ کي ڏنو وڃي ۽ مواد، شاگرد جي قابليت مطابق آسان ۽ ڏکيو ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح تفهيمي سوال بہ هر گروپ جي قابليت مطابق ڏنا وڃن.
- ڪنهن بہ موضوع تي، جوڙن ۾ پڙهائي اهڙيءَ طرح ڪرائي وڃي جو هڪ شاگرد ٻئي جو مددگار ثابت ٿئي. سمعي ۽ بصري امدادي شين جو استعمال پڻ ڪيو وڃي.
- ڪي شاگرد متحرڪ رهي بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن، جڏهن تہ ڪجهہ شاگرد هڪ ئي جڳهہ تي ويهي اثرائتي ڪارڪردگي ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ طرح شاگرد جي مزاج مطابق اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جيئن هر شاگرد پنهنجي صلاحيت مطابق پڙهڻ واري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي .

## رول پلي ۽ ڊرامو ( Role Play and Drama)

- رول پلي ۽ ڊرامي ذريعي شاگردن کي اعتماد سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، مڪالما تيار ڪرڻ ۽ پيشڪش جو موقعو ملندو آهي. پنهنجن دوستن سان گڏجي پيش ڪرڻ ۾ شرڪت جو احساس پيدا ٿيندو آهي ۽ تخيلاتي ۽ تخليقي صلاحيتن جي نشوونما ٿيندي آهي. استاد، موضوع ۽ ڪردارن جي چونڊ ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪن ۽ مختلف مڪالمن، ڳالهائڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪن. رول پلي ۽ ڊرامي جي عنوانن جي چونڊ، شاگردن جي ماحول، مشاهدي ۽ تجربي آهر ڪئي وڃي

## ٽيڪنالاجي (Technology)

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، هن دور ۾ هر فرد جي ضرورت آهي. ڪلاس ۾ اهڙيون سرگرميون ڪرايون وڃن، جن ۾ شاگردن کي موبائل فون، ڪئميرا ۽ ويڊيو وغيره مان معلومات گڏ ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي. اسڪول ۾ جيڪڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت موجود آهي ته ان مان به فائدو ورتو وڃي.

**نوٽ:** آسان سنڌي پڙهائيندڙ استاد هي تجويز ڪيل حڪمت عمليون ’آسان سنڌي‘ سيکارڻ لاءِ استعمال ڪري پر ان کان سواءِ آسان سنڌي پڙهائيندڙ استاد ٻيون به سرگرميون عمل ۾ آڻي آسان سنڌي پڙهائي سگهي ٿو.

# تدريسي مددي شيون

سمعي ۽ بصري مددي شين جي استعمال سان تدريسي عمل کي نهايت اثرائتو ۽ دلچسپ بڻائي سگهجي ٿو. تنهن کري اڄ جي جديد دؤر ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي اچڻ سان سمعي ۽ بصري مددي شيون سکيا جي عمل ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. استادن کي گهرجي تہ پنهنجي تدريس جي عمل کي ڪامياب بنائڻ لاءِ لازمي طور انهن مددي شين جي استعمال کي يقيني بڻائين.

حقيقت ۾ استاد لاءِ اهي مددي شيون بهترين معاون ثابت ٿي سگهن ٿيون. جن سان هو:

**(الف)**

1. تصورن کي ظاهر ڪري ٿو.
2. تدريسي عمل کي دلچسپ بڻائي ٿو.
3. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تدريسي عمل ۾ شريڪ ڪري ٿو.
4. شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تخليقي ۽ تعميري صلاحيتن کي اجاگر ڪري ٿو.
5. شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تنقيدي صلاحيتن کي وڌائي ٿو.
6. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٻوليءَ جي سکيا جي بنيادي مهارتن جي مشقن جا موقعا مهيا ڪري ٿو.

**(ب)**

**آسان سنڌيءَ جي سکيا لاءِ هيٺيون مددي شيون وڌيڪ مناسب رهنديون:**

1. چونڊ بيتن/ نظمن جا چارٽ
2. پرولين ۽ قولن جا چارٽ / ڪارڊ
3. نظمن ۽ آکاڻين جا ننڍڙا ڪتاب
4. لطيفن ۽ سفرنامن جا ننڍڙا ڪتاب
5. ٻاراڻا رسالا، مخزن ۽ اخبارون (جن ۾ ٻارن جا صفحا)
6. ادبي، تاريخي ۽ قومي شخصيتن جون تصويرون
7. گرامر جا چارٽ
8. ٻارن لاءِ ڇپايل تصويري لغتون
9. فليش ڪارڊ ۽ پرچيون
10. بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ/ چاڪ/ مارڪر

11. موبائل فون/ ڪمپيوٽر/ ٽيبليٽ
12. تصويري آڪاٽين جا چارٽ/ ڪتاب
13. لفظن جا ڪارڊ
14. سادن جملن ۽ مرڪب جملن جا ڪارڊ
15. ميون، ڀاڄين، گلن، پکين ۽ جانورن جي نالن ۽ تصويرن چارٽ
16. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻين نظمن ۽ ڪارٽونن وغيره جون وڊيوز

# استادن جو رهبر

دنيا جي سمورن ترقي يافته ملڪن ۾ درسي ڪتابن سان گڏوگڏ 'استادن جو رهبر' به ڇپيو ويندو آهي، ته جيئن تدريس کي بهتر بنائڻ ۾ استادن جي مدد ڪري سگهجي. تعليمي پاليسيءَ ۾ نصاب جي تبديليءَ سان گڏوگڏ 'استادن جو رهبر' به ضروري آهي. استادن جي رهبر جو مقصد اهو هرگز نه آهي ته استاد کي اُن ڪتاب جو پابند بنائي، سندس ذهني صلاحيتن کي مفلوج ڪري ڇڏجي، بلڪ هي ڪتاب رڳو واٽ جي لاٽ آهي، منزل نه آهي. استاد موقعي محل جي لحاظ کان ان مان مدد ۽ رهبري حاصل ڪري سگهي ٿو. ان ڪري تدريس دوران درسي ڪتابن کي صحيح طريقي سان پڙهائڻ لاءِ 'استادن جو رهبر' جو خاص طور بندوبست ڪيو وڃي. استادن جي رهبر جا مقصد هيٺ ڏنل آهن. لکندڙن لاءِ لازم آهي ته 'استادن جو رهبر' جوڙڻ مهل، انهن کي آڏو رکن.

1. آسان سنڌيءَ جي تدريسي مقصدن کان واقف ڪيو وڃي.
2. استادن کي اها ڄاڻ هجي ته ڪنهن خاص سبق کي ڪهڙي سکيا جي مقصد ۽ مهارتن جي حاصلات لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
3. استاد هر سبق جي تياري، آسان سنڌيءَ جي نصاب جي 'معيارن'، 'مرحليوار حدن' 'سکيا جي حاصلات'، تدريسي ۽ جائزي جي حڪمت عملين موجب سولائيءَ سان ڪري سگهي.
4. استادن کي اها ڄاڻ ڏجي ته سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ڪهڙا لفظ هڪجهڙا آهن ۽ ڪهڙا لفظ مختلف آهن.
5. استاد کي خاص سنڌي اکرن جي آوازن، جيئن: ٻ، ڏ، ڄ، ڃ، ڻ، ڳ، ڱ جون مشقون ڏنيون وڃن.
6. اکرن، لفظن، جملن ۽ ٽُڪرن ۾ فرق جي ڄاڻ هجي.
7. لساني سرگرمين ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جو حل ٻڌايو وڃي.
8. لغت، اُچار، تلميحن، پهاڪن / چوٽين وغيره جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي.
9. استادن کي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطيدار مددي شين جي صحيح استعمال کان واقف ڪيو وڃي.
10. درسي ڪتاب ۾ شامل تصويرن جي تدريسي ضرورتن کان واقف ڪيو وڃي.
11. شاگردن جي حافظي جي سگهه، فڪر ۽ تخيل کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ Interactive سوال ڏنا وڃن.
12. عملي گرامر جا اصول تفصيل سان بيان ڪيا وڃن، جيئن معلوم ٿي سگهي ته محض مجرد تعليم بدران انهن کي لساني مهارتن ۾ ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو.
13. مضمون نويسي(Essay Writing) ۽ تخليقي سرگرمين جي اصلاح لاءِ مناسب ۽ عمل جوڳن طريقن جي نشاندهي ڪئي وڃي.
14. اُچارن جي اصلاح لاءِ اُپاءُ ورتا وڃن، جن ۾ اعرابن جو اهتمام، ٻڌڻ جون مددي شيون وغيره اهم آهن.


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ، ڄامشورو- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

15. **صحيح اُچار ۽ مناسب رفتار سان بلند آواز ذريعي پڙهڻ جي سکيا ڏني وڃي.**

16. **’استادن جو رهبر‘ لکڻ وقت آسان سنڌيءَ جي ’معيارن‘، ’مرحليوار حدن‘ ۽ ’سکيا جي حاصلات‘ کي ضرور آڏو رکيو وڃي.**

## جائزي لاءِ حڪمت عمليون

ٻوليءَ جي مهارتن جي تدريسي ڪاميابيءَ جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي. جائزو فوري ۽ مدي وار ٻہ ٿيندو آهي. جائزي ۾ ٻارن جي انفراديت، تخليقي صلاحيت ۽ اظهار ڪي آڏو رکڻ ضروري آهي. جائزي وسيلي استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي بهتريءَ لاءِ ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي آهي.

جائزي ڪي سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. ان جو سڀ کان اهم مقصد شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ آهي. جائزو، شاگردن جي حاصل ڪيل مهارتن جي خوبين ۽ خامين کي جاچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جائزو استاد کي ان قابل بڻائيندو آهي تہ هو ڄاڻي سگهي تہ تدريس جا مقصد ڪيتري حد تائين حاصل ٿي رهيا آهن. جائزي جي نتيجن جي بنياد تي استاد پنهنجي تدريسي طريقن کي بهتر ڪري سگهن ٿا. جائزي ۾ شاگردن جي ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ ۽زبان شناسيءَ جي جاچ لاءِ مختلف حڪمت عمليون استعمال ڪيون وينديون آهن. ڪجهه مهارتون معروضي سوالن ۽ ڪجهه موضوعي سوالن وسيلي جاچي سگهجن ٿيون.

شاگردن جي قابليت جاچڻ جا عام طور تي ٻہ قسم آهن. انهن مان هڪ سکيا دوران جاچ (Formative Assessment)، ۽ ٻيو مجموعي سکيا جي جاچ (Summative Assessment) آهن.

### سکيا دوران جاچ (Formative Assessment)

تدريس دوران جاچ ۾ اهڙا رسمي ۽ غير رسمي طريقا شامل آهن، جيڪي استاد، سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل دوران استعمال ڪندو آهي تہ جيئن هو، تدريسي طريقن ۾ تبديلي ڪري شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪري سگهي. جاچ جو هيءُ طريقو استادن کي ان قابل بڻائيندو آهي تہ هو شاگردن کي هڪ واضح حاصل ٿيندڙ هدف تائين پهچائي سگهي.

**مثال طور:**

- تدريس دوران جاچ جو عمل مختلف تعليمي سرگرمين سان گڏ جاري رهندو آهي. جيئن بلند خوانيءَ دوران استاد ٻارن جي درست اُچار، لهجي بابت ڄاڻي سگهندو ۽ ان کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ڪندو.

## سکيا جي مجموعي جاچ Summative Assessment

مجموعي يا اختتامي جاچ مخصوص مدي دوران (سبق جي پڄاڻي، هفتيوار، ماهوار، ٽه ماهي، ڇهه ماهي ۽ ساليانو) ورتي ويندي آهي. جنهن جو مقصد شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگيءَ ۽ مهارتن جي حاصلات جي پرک ڪرڻ آهي. ان جائزي لاءِ آزمائشي پرچا تيار ڪيا ويندا آهن.

**مجموعي / اختتامي جاچ جي تياريءَ ۾ هيٺ ڏنل ڳالهين کي ڌيان ۾ رکجي.**

- ٻوليءَ جي مهارتن ۾ شاگردن جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ زباني ۽ تحريري آزمائشون تيار ڪيون وڃن ۽ انهن آزمائشن ۾ موضوعي ۽ معروضي سوال خاص تناسب سان شامل ڪيا وڃن.
- ڏنل 'سکيا جي حاصلات' کي آڏو رکي آزمائش تيار ڪئي وڃي.
- تفهيم ۽ گرامر جي جاچ لاءِ درسي ڪتاب جو يا ٻيو ڪو دلچسپ ۽ ٻارن جي صلاحيت ۽ عمر مطابق متن ڏنو وڃي ۽ ان مان ان تي تفهيم ۽ گرامر جا سوال تيار ڪيا وڃن.
- لکڻ جي مهارت جي جاچ لاءِ ريوبرڪ (Rubric) به ضرور تيار ڪئي وڃي ته جيئن انصاف سان هر شاگرد جي ڪارڪردگيءَ کي جاچي سگهجي.
- آزمائش ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور: تفهيمي، ترغيبي، ۽ تخليقي سگهه کي اجاگر ڪرڻ وارا سوال وغيره. سوالن ۾ معروضي سوال به هجن، جن ۾ گهڻ جوابي سوالن (MCQs) جو چڱو تعداد هجي. سوال ترتيب ڏيڻ وقت بلومز ٽيڪسانامي (Bloom's Taxonomy) کي ضرور آڏو رکيو وڃي.
- آزمائش ترتيب ڏيڻ وقت سوالن ۾ ٻولي سادي ۽ سولي استعمال ڪئي وڃي ۽ سوالن جي ترتيب آسان کان مشڪل ڏانهن هجي .
- درسي ڪتاب ۾ ڏنل مشقي سوالن وسيلي به شاگردن جي 'سکيا جي حاصلات' کي جاچي سگهجي ٿو.
- آزمائش تيار ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکجي ته 'معيار'، 'مرحليوار حد' ۽ 'سکيا جي حاصلات' لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن، انهن ٽي مطابق جائزو ورتو وڃي .

## سوالن جا قسم

1. **معروضي سوال (Objective Questions) :**

معروضي سوالن ۾ مختلف قسمن جا سوال شامل آهن، جيئن: گهڻ جوابي سوال (MCQs) جن ۾ هڪ سوال لاءِ ڏنل گهڻن جوابن مان، شاگردن کي درست جواب چونڊڻو پوندو آهي. خال ڀريو، متبادل جوابن وارا سوال جواب، غلط ۽ درست فقرا، ليڪ وسيلي ملائڻ، مختصر سوالن جا جواب وغيره شامل آهن.

2. **موضوعي سوال (Subjective Questions) :**

موضوعي سوالن جي جوابن کي شاگرد پنهنجن لفظن ۾ تفصيل سان لکندا آهن. جن ۾ تفهيمي سوال- جواب، مرڪزي خيال لکڻ، خلاصو لکڻ، تشريح ڪرڻ، مضمون لکڻ، درخواست لکڻ، خط لکڻ، ڪهاڻي لکڻ، جملا ناهڻ، فرق ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ وغيره شامل آهن. موضوعي سوالن کي جاچڻ لاءِ جواب ۾ ڏنل متن، طوالت، ربط، صورتخطي، ٻيهڪ جي نشانين ۽ گرامر جي درست استعمال وغيره کي ريوبرڪ (Rubric) وسيلي جاچبو آهي.

# امتحاني پيپر جو تجويز ڪيل خاڪو ۽ مارڪن جي ورهاست

## آسان سنڌي (ڇهين کان انين درجي لاءِ)

| سيريل نمبر | موضوع | درجو ڇهون | درجو ستون | درجو اٺون |
|---|---|---|---|---|
| نثر جو ڀاڱو: | | | | |
| 1 | سبقن جا سوال | 6 | 7 | 7 |
| 2 | گهڻ جوابي سوال (MCQs) | 10 | 10 | 10 |
| 3 | سبق جو خلاصو | 5 | 5 | 5 |
| 4 | پيرا گراف (عبارت جي تفهيم) | 7 | 8 | 8 |
| 5 | خط/ درخواست | 5 | 5 | 5 |
| 6 | ترجمو (سنڌيءَ مان اردو ۽ اردوءَ مان سنڌي) | 10 | 10 | 10 |
| 7 | آکاڻي / مضمون | 7 | 8 | 8 |
| نظم جو حصو: | | | | |
| 8 | بيتن جي سمجهاڻي/ نظم جو مرڪزي خيال | 6 | 7 | 7 |
| 9 | هم قافيا ۽ رديف لفظن جي چونڊ | 3 | 3 | 3 |
| گرامر: | | | | |
| 10 | ڳالهائڻ جا اُٺ لفظ | 6 | 4 | 4 |
| 11 | لفظن جو ذخيرو | 6 | 5 | 5 |
| 12 | زمان | 4 | 3 | 3 |
| **ڪل مارڪون** | | **75** | **75** | **75** |

**نوٽ:** هي امتحاني پيپر جو هڪ نمونو آهي، جنهن کي استاد پنهنجي حالتن ۽ ضرورتن موجب بهتر ڪري سگهي ٿو.

# آسان سنڌي (ڇهين ڪان اٺين درجي تائين) جي نصاب جي تياري ۽ درسي ڪتابن تي نظرثاني ڪندڙ ماهرن جي ڪاميٽي

| | | |
|---|---|---|
| .1 | **پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**<br>اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل، ڪاليجز گورنمينٽ آف سنڌ | **چيئرمين** |
| .2 | **محترم محمد ادريس جتوئي**<br>اڳوڻو ايڊيشنل ڊائريڪٽر،<br>ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ، ڄامشورو | ميمبر |
| .3 | **ڊاڪٽر سعيده پروين ميمڻ**<br>پرنسپال، گورنمينٽ نذرٿ گرلز ڊگري ڪاليج، حيدرآباد | ميمبر |
| .4 | **ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو**<br>اڳوڻو ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ، ريسرچ ڄامشورو | ميمبر |
| .5 | **ڊاڪٽر شازيہ پتافي**<br>ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي ڊپارٽمينٽ يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو | ميمبر |
| .6 | **محترمہ زهران چنا**<br>ليڪچرر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد | ميمبر |
| .7 | **محترم علي نواز آريسر**<br>سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد | سهڪاري ميمبر |
| .8 | **محترم محمد يوسف جويو**<br>لائبريرين، ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ، ڄامشورو | سهڪاري ميمبر |
| .9 | **محترم جمشيد احمد جوڻيجو**<br>سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو | ميمبر |
| .10 | **محترمہ فرح ناز**<br>سنڌي لينگويج ٽيچر، پگٽ ميموريل گرلس هائر سيڪنڊري اسڪول، حيدرآباد | ورڪنگ ٽيچر |
| .11 | **محترم سردار خان راجپوت**<br>هاءِ اسڪول ٽيچر، سيد پناهه علي شاهه هائر سيڪنڊري اسڪول، اٽيچڊ گورنمينٽ<br>ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد | ورڪنگ ٽيچر |
| .12 | **محترم دلشاد احمد ڏيٽو**<br>ڊپٽي ڊائريڪٽر<br>ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ، ڄامشورو | ميمبر/ سيڪريٽري |

## Minutes of Meeting
## Provincial Review Committee for the Newly Developed
## Aasan Sindhi Curriculum (Grades VI–VIII)

The Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro organized a four-day meeting for the final review of the Aasan Sindhi Curriculum for Grades VI–VIII. The meeting was held from **27th to 30th May 2025** in the Committee Room of the Directorate.

**Participants:**
The following members of the Sindhi Provincial Review Committee participated in the meeting:

| Sr. # | Name and Designation | Status | Signature |
|---|---|---|---|
| 1. | **Prof: Dr. Muhammad Ali Manjhi**<br>Rtd. Director General Colleges, Government of Sindh | Chairman | |
| 2. | **Mr. Muhammad Idrees Jatoi**<br>Rtd, Additional Director, Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh Jamshoro | Member | |
| 3. | **Dr. Shazia Pitafi**<br>Associate Professor, Sindhi Department, University of Sindh, Jamshoro | Member | |
| 4. | **Ms. Zuhra Channa**<br>Lecturer, Government Elementary College of Education (Men) Hyderabad | Member | |
| 5. | **Mr. Jamshed Ahmed Junejo**<br>Sindh Textbook Board, Jamshoro | Member | |
| 6. | **Mr. Ali Nawaz Aaresar**<br>Sindhi Language Authority, Hyderabad | Coopted Member | |
| 7. | **Mr. Sardar Khan Rajput**<br>High School Teacher, Sayed Panah Ali Shah, Higher Secondary School, attached Government Elementary College of Education (Men) Hyderabad | Working Teacher | |
| 8. | **Ms. Farah Naz Asad**<br>Sindhi Language Teacher, Piggot Memorial Girls Higher Secondary School, Hyderabad | Working Teacher | |
| 9. | **Mr. Dilshad Ahmed Detho**<br>Deputy Director, Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh Jamshoro | Secretary/ Member | |

In the final review meeting the committee thoroughly reviewed the newly developed Asan Sindhi Curriculum for Grade VI-VIII in light of (ToRs) issued by the Department.

The suggestions & Recommendations of the Provincial Review Committee have been incorporated into the manuscript of the newly developed Asan Sindhi Curriculum for Grade VI-VIII and it is therefore submitted to the Department for Notifications.

(Enclosed Draft Manuscript)

**GOVERNMENT OF SINDH**
**SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT**

Karachi, dated the 10th, July 2025.

## NOTIFICATION

**NO. SELD/HCW/18/2018:** In compliance with the Section 3, sub-section (4), (e) of Sindh School Education Standards & Curriculum Act 2014, Sindh Act No. IX of 2015. School Education & Literacy Department, Government of Sindh is pleased to accord **No Objection Certificate for 'Aasan Sindhi Curriculum' for Grade VI to VIII, in accordance to develop Textbooks aligned with the up-dated curriculum developed for Grade VI-VIII,** after review and modification by the Curriculum Development & Review Committee for Grade VI-VIII, notified by School Education & Literacy Department, Government of Sindh.

**- ZAHID ALI ABBASI-**
**SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH**

**NO. SELD/HCW/18/2018:** **Karachi, dated the 10th, July 2025.**

**A copy for information and necessary action to:**

1. The Chairman, Sindh Textbook Board, Jamshoro.
2. The Director, Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Jamshoro.
3. The Director, Directorate of Non-Formal Education, Sindh Karachi
4. The P.S to Secretary School Education & Literacy Department, Govt: of Sindh, Karachi.
5. The official website.
6. The office file.

SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

**SECTION OFFICER (CURRICULUM)** 10/7
**For SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH.**